روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) چنڇر 14 جنوري 2023ع بمطابق 21 جمادي الثاني 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 232

سنڌ حڪومت جو فيصلو رد، مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ٿي ٿينديون: اليڪشن ڪميشن

چيف اليڪشن ڪمشنر جي سربراهي ۾ اليڪشن ڪميشن ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊن جي معاملي تي غور ڪيو ويو، سنڌ حڪومت جو فيصلو قانون جي ابتڙ قرار

سنڌ حڪومت جو 15 جنوري تي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون ملتوي ڪرائڻ جو فيصلو رد، سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جو ٻيو مرحلو 15 جنوري تي ئي مڪمل ڪيو ويندو: فيصلو

اليڪشن ڪميشن پاران گهرو وزارت کي انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز تي فوج ۽ رينجرز جي مقرري يقيني بڻائڻ جي هدايت، مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي بابت پنهنجي فيصلي جو حڪم نامو به جاري

سنڌ حڪومت جي پڌرائي ايس ايل جي اي قانون جي ڀڃڪڙي آهي، صوبي ۾ ٻئي مرحلي تحت مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ئي ٿينديون، چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي سنڌ سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪن

ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٺٽي ڊويزن ۾ چونڊن جي تياري مڪمل آهي، بيلٽ پيپر ڇپجي چڪا آهن، اسٽاف جي مقرري ٿي چڪي آهي، ڪميشن پولنگ لاءِ تيار آهي

مڪاني قانون ۾ آهي ته شيڊيول جي اعلان ڪانپوءِ حدون تبديل نه ٿيون ٿي سگهن، پولنگ کان ٻه ڏينهن اڳ مقامي علائقن جو نوٽيفڪيشن واپس وٺڻ آئين ۽ قانون جي ابتڙ آهي، دادو ۾ صورتحال پولنگ لاءِ سازگار آهي

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن سنڌ حڪومت جو فيصلو رد ڪندي 15 جنوري تي ئي صوبي ۾ مڪاني چونڊن جو ٻيو مرحلو مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر جي سربراهي ۾ اليڪشن ڪميشن ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊن جي معاملي تي غور ڪيو ويو. اجلاس ۾ سنڌ حڪومت جو 15 جنوري تي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون ملتوي ڪرائڻ جو فيصلو رد ڪيو ويو ۽ چيو ويو ته سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جو ٻيو مرحلو 15 جنوري تي ئي مڪمل ڪيو ويندو. اليڪشن ڪميشن ان سلسلي ۾ گهرو وزارت کي انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز تي فوج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ٽرانسپورٽ جي صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ڪراچي ۾ پهرين اليڪٽرڪ بس جي پهرين روٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو، مليرٽينڪ چوڪ کان سي ويو تائين ڏھ بسون هلايون وينديون: صوبائي وزير

پهرين اليڪٽرڪ بس سروس جو افتتاح، سنڌ حڪومت مڪاني چونڊون نٿي روڪرائي سگهي: شرجيل انعام ميمڻ

حڪومت صوبي جي وڏيڪ ڪجھ تعلقن ۾ مڪاني چونڊون ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪري ڇڏي، دادو جي ٻن تعلقن ۾ بلدياتي چونڊون ملتوي ڪرڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن کي درخواست ڪئي وئي آهي

جڏهن ته ميهڙ ۽ خيرپورناٿن شاھ ۾ ٻوڏ جو پاڻي بيٺل آهي، دادو ضلعي جي ٻن تعلقن جوهي ۽ دادو ۾ مڪاني چونڊون معمول موجب ٿينديون: صوبائي وزير

سنڌ حڪومت ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون نٿي روڪرائي سگهي، سنڌ حڪومت مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ مرتضيٰ وهاب کي قانوني ۽ آئيني ماهرن سان مشاورت جو ٽاسڪ ڏنو

سنڌ حڪومت مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ ڪو به آرڊيننس نه پئي آڻي، فوج پولنگ اسٽيشنز تي اهلڪار مقرر ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، پوليس ۽ رينجرز اهلڪار پولنگ اسٽيشنز تي مقرر ڪيا ويندا

سنڌ حڪومت تڪبندين جو نوٽيفڪيشن ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مطالبي تي واپس ورتو هو اليڪشن ڪميشن اسان جي نوٽيفڪيشن کي رد ڪيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت صوبي جي وڏيڪ ڪجھ تعلقن ۾ مڪاني چونڊون ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪري ڇڏي، صوبائي سنڌ سماءِ واري وزير شرجيل ميمڻ پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته دادو جي ٻن تعلقن ۾ بلدياتي چونڊون ملتوي ڪرڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن کي درخواست ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ميهڙ ۽ خيرپورناٿن شاھ ۾ ٻوڏ جو پاڻي بيٺل آهي. شرجيل ميمڻ چيو ته دادو ضلعي جي ٻن تعلقن جوهي ۽ دادو ۾ مڪاني چونڊون معمول موجب ٿينديون. صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون نٿي روڪرائي سگهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اعتماد جو ووٽ: پي ٽي آءِ غير حاضر رهندڙ 2 ميمبرن کي شوڪاز نوٽيس اماڻي ڇڏيا

تحريڪ انصاف پارٽي پاليسي کان ناراض ميمبرن خلاف ڪارروائي جي شروعات ڪري ڇڏي

پنجاب اسيمبلي ۾ اعتماد جي ووٽ دوران غير حاضر رهندڙ 2 ميمبرن کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) پنجاب اسيمبلي ۾ اعتماد جي ووٽ وقت غير حاضر رهندڙ 2 ميمبرن کي شوڪاز نوٽيس جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وڪيل رويو تبديل نه ڪندا ته مسئلا وڌندا: لاهور هاءِ ڪورٽ

وڪيل جي عزت عدالت سان سلهاڙيل آهي، وڪيل پنهنجي رويي کي تبديل نه ڪندا ته مسئلا وڌندا

وڪيلن طرفان جيڪي منهنجون ذميواريون آهن اهي پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس

ملتان (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس محمد امير ڀٽي چيو آهي ته وڪيل جو ڪردار قلم سان آهي، ڏنڊي سوٽي سان نه. سرڪٽ هائوس ملتان ۾ تقريب سان خطاب ڪندي محمد امير ڀٽي چيو ته وڪيل جي عزت عدالت سان سلهاڙيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: ايم ڪيو ايم پاڪستان جا اڳواڻ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي

نين تڪبندين تائين مڪاني چونڊون نه ٿيون ٿي سگهن: ايم ڪيو ايم

جتي ايم ڪيو ايم جو ووٽ بئنڪ هو، انهن يوسين ۾ وڌيڪ ووٽر رکيا ويا: ايم ڪيو ايم اڳواڻ فروغ نسيم

ڪراچي جي آبادي کي درست ڳڻيو وڃي، ٽي ڪروڙ جي آبادي کي ڏيڍ ڪروڙ ڏيکارڻ سان مسئلا حل نه ٿيندا: فيصل سبزواري

تڪبندين ۾ آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي آهي، تڪبنديون درست ڪرڻ بنا مڪاني چونڊون غير قانوني هونديون

ڪراچي (م د) ايم ڪيو ايم پاڪستان چونڊن کان فرار ٿيڻ جو الزام رد ڪري ڇڏيو ۽ چيو ته نين تڪبندين تائين مڪاني چونڊون نه ٿيون ٿي سگهن، ميئر انهن ماڻهن جو چونڊ هجي جن جي آبادي وڌيڪ آهي. رابطا ڪميٽي جي هنگامي اجلاس ڪانپوءِ ڳالهائيندي فروغ نسيم چيو ته جتي ايم ڪيو ايم جو ووٽ بئنڪ هو انهن يوسين ۾ وڌيڪ ووٽر رکيا ويا. فيصل سبزواري چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سکر: وفاقي وزير آبي وسائل سيد خورشيد احمد شاھ جلسي کي خطاب ڪندي

اسان کي جاٽي واٽي افغانستان واري جنگ ۾ ڌڪيو ويو: سيد خورشيد احمد شاھ

آمريڪا، جرمني، جاپان، آسٽريليا، چين سميت دنيا جا اڪثر ملڪن ڪوئلي جي بدولت ترقي ڪئي آهي

محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جڏهن ٿرمان ڪوئلو ڪڍڻ جو ڪم شروع ڪرايو ته آلودگي جي جواز ۾ رنڊڪ وڌي وئي

توهان کي روڊ ناهي ڏيون ٿا پر اوهان انهن روڊن جي حفاظت نه ٿا ڪيو، سلطانپور کان پنوعاقل سميت ٻين شاهراهن تي ڪم جاري آهي

سکر (رپورٽر) آبي وسيلن واري وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاھ چيو آهي ته اسان کي جاٽي واٽي افغانستان واري جنگ ۾ ڌڪيو ويو. آمريڪا، جرمني، جاپان، آسٽريليا، چين سميت دنيا جا اڪثر ملڪن ڪوئلي جي بدولت ترقي ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسرائيلي فوج پناهگيرن جي ڪئمپن تي هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، 3 شهيد

اسرائيلي فوج جي فلسطينين تي فائرنگ ڪانپوءِ اولهه ڪناري ۾ ڇڪتاڻ جاري آهي: پرڏيهي اختياريون

اسرائيلي فوج قلنديا ۽ جنين جي پناهگيرن جي ڪئمپن ۾ فلسطينين کي نشانو بڻايو

ڪراچي (م د) والاريل بيت المقدس (ويب ڊيسڪ) اولهه ڪناري اسرائيلي فوج جي فائرنگ ۾ 3 فلسطيني شهيد ٿي ويا. ميڊيا رپورٽن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

عوام ڏانهن وڃڻ جو واعدو ڪيو آهي، ڪي پي اسيمبلي به ٽوڙينداسين: فواد چوڌري

پرويز الاهي پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ جي سمري تي صحيحون ڪري ڇڏيون آهن ۽ 48 ڪلاڪن ۾ اسيمبلي ٽٽي ويندي

ثابت ٿي ويو سياست ۾ هاڻ به اصول مٽي آهي، اسان جي ميمبرن تي دٻاءُ هوءَ انهن ووٽ ڏنو، پنجاب اسيمبلي کي ٽوڙيو ويو آهي

سمري گورنر کي موڪلي وئي آهي ۽ جيڪڏهن گورنر آئين موجب 48 ڪلاڪن کان اڳ اسيمبلي نه ٽوڙي ته 48 ڪلاڪن ۾ پاڻ ئي ٽٽي ويندي

لاهور (م د) تحريڪ انصاف اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته پرويز الاهي پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ جي سمري تي صحيحون ڪري ڇڏيون آهن ۽ 48 ڪلاڪن ۾ اسيمبلي ٽٽي ويندي. لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي فواد چوڌري چيو ته ثابت ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: اسٽريٽ ڪرائم جي روڪٿام لاءِ پوليس جو وڏو قدم

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ضلعي ڪورنگي ۾ اسٽريٽ ڪرائم جي روڪٿام لاءِ ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍي ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول روم جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي هن چيو ته پهرئين مرحلي ۾ 30 سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون ويون آهن. ڪورنگي جي سڀني رستن تي ڪئميرائون لڳايون وينديون. ايس ايس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

لاهور: تحريڪ انصاف اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

عورتن جي تعليم تي پابندي، سخت ردعمل طالبان کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو

حڪومت عورتن جي تعليم تي لاڳو عارضي پابندي ختم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي: افغان حڪومت جو ترجمان

يقيني طور عالمي برادري کي افغانستان سان سهڪار جاري رکڻ گهرجي پر اندروني معاملن ۾ مداخلت نه ڪرڻ گهرجي

عارضي پابندي ختم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون، اسان عالمي ادارن، خاص طور تي او آءِ سي سان ويجها لاڳاپا چاهيون ٿا

ڪابل (م د) افغان حڪومت جي ترجمان ذبيح الله مجاهد چيو آهي ته حڪومت عورتن جي تعليم تي لاڳو عارضي پابندي ختم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. اسلامي سهڪار تنظيم سان ٿيندڙ اجلاس ڪانپوءِ ذبيح الله مجاهد ٽوئيٽر بيان جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسان ڪامياب ٿياسين، پي ٽي آءِ جي حڪومت مان جان ڇُٽي: احسن اقبال

پنهنجي حڪومت پاڻ ڪيرائڻ تي عمران خان جي مهرباني، توهان وفاقي حڪومت کي ختم ڪرڻ لاءِ نڪتا پر پنهنجي ئي حڪومت ختم ڪري ڇڏي

ثاقب نثار جي قيادت ۾ جيڪو سرڪس لڳو، ان جو نقصان اڄ ڀوڳي رهيا آهيون، ملڪ ۾ غير يقيني واري صورتحال پيدا ڪرڻ پاڪستان کي وڌيڪ ڪمزور ڪرڻ جي ايجنڊا آهي

ڊالر جي بحران ۾ سٽي بازي جو به وڏو ڪردار آهي، حڪومت ڪارروائي ڪري رهي آهي، پاڪستان جي ڊيفالٽ ٿيڻ جو خطرو ٽري آهي: اسان ڪامياب ٿياسين

لنڊن (م د) وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته اسان ڪامياب ٿياسين، پي ٽي آءِ جي حڪومت مان جان ڇُٽي، پنهنجي حڪومت پاڻ ڪيرائڻ تي عمران خان جي مهرباني، توهان وفاقي حڪومت کي ختم ڪرڻ لاءِ نڪتا پر پنهنجي ئي حڪومت ختم ڪري ڇڏي، اسان کي ڇا جو اعتراض؟ لنڊن ۾ پاڪستاني هاءِ ڪميشن ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي احسن اقبال چيو ته ثاقب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ کي آڊٽ ڪرائڻ جو حڪم

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ آڊيٽر جنرل کي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي آڊٽ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. سپريم ڪورٽ ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي فرانزڪ آڊٽ بابت ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ ڪئي. جسٽس عائشه ملڪ ٻڌڻي دوران ريمارڪس ڏنا ته سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ کي 2 ارب 30 ڪروڙ جو بجيٽ مليو. سنڌ هاءِ ڪورٽ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: آصفه ڀٽو زرداري بلاول هائوس ۾ باڪسنگ ۽ جمناسٽڪ جي چيمپئنز رانديگرن سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهي آهي

پرويز الاهي اسيمبلي ٽوڙڻ جي سمري تي صحيح ڪري گورنر کي ايڊوائيس موڪلي ڇڏي

بعد ۾ چوڌري پرويز الاهي جي عمران خان سان الڳ ملاقات ٿي، جنهن ۾ اسيمبلي ٽوڙڻ جو حتمي فيصلو ڪيو ويو

وڏي وزير اسيمبلي تحليل ڪرڻ جي سمري تي صحيح پڻ ڪري ڇڏي، جيڪا گورنر بليغ الرحمان ڏانهن موڪلي وئي آهي

لاهور (م د) پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ وٺڻ بعد عمران خان سان ڪيل رابطي تحت اسيمبلي ٽوڙڻ جي سمري تي صحيح ڪري گورنر ڏانهن ايڊوائيس موڪلي ڇڏي آهي. تحريڪ انصاف جو اڳواڻ فواد چوڌري چوي ٿو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

وزيراعظم شهباز شريف ۽ آصف زرداري پنجاب ۾ آئين موجب هلڻ تي اتفاق ڪري ورتو

پنجاب جي صورتحال تي وفاقي حڪومت ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانيل آهي ۽ ان حوالي سان وزيراعظم شهباز شريف پاڻ متحرڪ ٿي ويو آهي

وزيراعظم شهباز شريف آصف زرداري سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو آهي جنهن ۾ ٻنهي اڳواڻن پنجاب جي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون

حڪومتي اڳواڻن پنجاب ۾ آئين موجب هلڻ تي اتفاق ڪيو آهي ۽ ان حوالي سان آئيني ۽ قانوني مشورن تحت حڪمت عملي بنائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين آصف زرداري پنجاب ۾ آئين موجب هلڻ تي اتفاق ڪري ورتو آهي. پنجاب جي صورتحال تي وفاقي حڪومت ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانيل آهي ۽ ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور: پنجاب جو وڏو وزير پرويز الاهي اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڊجيٽل آدمشماري بابت سنڌ جي قومپرستن کي اعتماد ۾ وٺڻ جو اعلان

اسلام آباد (م د) شماريات ڊويزن طرفان پهرين ڊجيٽل آدم شماري جي حوالي سان صحافين کي بريفنگ ڏني وئي آهي چيف شماريات نعيم الظفر ٻڌايو ته سنڌ جي سمورين سياسي ڌرين کي اعتماد ۾ ورتو آهي نعيم الظفر چيو ته قومپرستن سان ملاقات لاءِ رابطو ڪيو آهي جلد انهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

مڪاني چونڊون، سنڌ ۾ تعليمي ادارن جي بندش بابت نوٽيفڪيشن جاري

سنڌ جا سرڪاري ۽ نجي اسڪول ۽ ڪاليج 14 جنوري ڇنڇر ڏينهن بند رهندا، ڪراچي ۽ حيدرآباد ڊويزن ۾ عملو اليڪشن ڊيوٽي انجام ڏيندو

اسڪول ايجوڪيشن سيڪريٽري غلام اڪبر لغاري ۽ ڪاليج ايجوڪيشن سيڪريٽري احمد بخش ناريجي ان حوالي سان باقاعدي طور نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

نوٽيفڪيشن اليڪشن ڪميشن جي هدايت تي صوبائي تعليم کاتي جاري ڪيو آهي، مڪاني چونڊن کي ڏسندي ٽئي ضلعي ۾ به سڀائي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ عام موڪل جو اعلان

ڪراچي (م د) سنڌ ۾ 15 جنوري تي مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي کي ڏسندي سرڪاري ۽ نجي تعليمي ادارن جي بندش جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. صوبائي تعليم کاتي موجب سنڌ جا سرڪاري ۽ نجي اسڪول ۽ ڪاليج 14 جنوري ڇنڇر ڏينهن بند رهندا. ڪراچي ۽ حيدرآباد ڊويزن ۾ عملو اليڪشن ڊيوٽي انجام ڏيندو اسڪول ايجوڪيشن سيڪريٽري غلام اڪبر لغاري ۽ ڪاليج ايجوڪيشن سيڪريٽري احمد بخش ناريجي ان حوالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سنڌ ۾ سرڪاري ڪاليجن جي عمارتن ۽ پلاٽن تي غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ جي حوالي سان اهم فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) تعليم، ثقافت کاتي واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاھ جي صدارت هيٺ سنڌ ۾ سرڪاري ڪاليجن جي عمارتن ۽ پلاٽن تي غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ جي حوالي سان اهم فيصلو ان ڏس ۾ رٿيل اجلاس ۾ سيڪريٽري ڪاليجز احمد ناريجو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

چوڪرين جي ٽولي ٻي گهر شخص کي خنجر هڻي قتل ڪري ڇڏيو

اونٽاريا (م د) ڪينيڊا ۾ هڪ ٻي گهر شخص کي ننڍي عمر جي ڇوڪرين جي گروھ خنجر هڻي ماري ڇڏيو پرڏيهي ميڊيا موجب اهو افسوسناڪ واقعو ڪينيڊا جي شهر ٽورنٽو ۾ پيش آيو. جتي 59 ورهين جي ڪين لي نالي بي گهر شخص هڪ شيلٽر هوم ۾ رهندو هو ۽ واردات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مڪاني چونڊون: پي ٽي آءِ پاران اڄ ڌرڻي جو اعلان: جماعت اسلامي ڌرڻو نه هٽندي

ڪراچي کي ٻيهر يرغمال ٿيڻ نه ڏينداسين، شهرين آواز نه اٿاريو ته شهر ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر ٻورين بند لاش ملندا: علي زيدي

سنڌ حڪومت ۽ ايم ڪيو ايم وارن کي مڪاني چونڊن ۾ شڪست جو ڊپ آهي: سنڌ جو اڳوڻو گورنر عمران اسماعيل

پيپلزپارٽي عوام کي آئيني حقن کان محروم ڪرڻ چاهي ٿي، ايم ڪيو ايم وارن کي ٻوري بند لاشن جو ڪاروبار ڪرڻو آهي

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني چونڊون ملتوي ڪرائڻ واري اعلان خلاف تحريڪ انصاف پاران اڄ سنڌ اسيمبلي آڏو ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي علي زيدي، عمران اسماعيل ۽ ٻين ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ڪراچي کي ٻيهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي ۾ ڪمائڻ لاءِ ايندڙ پٺاڻ، سنڌي ۽ سرائيڪي مهاجر آهن: فردوس شميم نقوي

ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس دوران فردوس عاشق اعوان سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ ڪمائڻ لاءِ ايندڙ سنڌين کي مهاجر ڪوٺيو

ايم ڪيو ايم پاڻ ۾ ڀلي اتحاد ڪري، توهان اردو ڳالهائيندڙ آهيو توهان کان وڏا اردو ڳالهائيندڙ اسان آهيون، توهان پاڻ کي مهاجر سڏايو ٿا

اسان مهاجر نه پر پاڪستاني آهيون، مهاجر ته پٺاڻ، اندرون سنڌ ۽ ڏکڻ پنجاب جا ماڻهو آهن جيڪي هتي ڪمائڻ اچن ٿا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فردوس شميم نقوي چيو آهي ته ڪراچي ۾ ڪمائڻ لاءِ ايندڙ پٺاڻ، سنڌي ۽ سرائيڪي مهاجر آهن. اسان مهاجر نه پر پاڪستاني آهيون ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس دوران فردوس عاشق اعوان سنڌ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: تحريڪ انصاف جو اڳواڻ فردوس شميم نقوي پريس ڪانفرنس ڪندي

پنجاب اسيمبلي معاملي تي پي ڊي ايم جي ٽن وڏن ۾ رابطو، زرداري اهم تجويز ڏئي ڇڏي

لاهور (م د) پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي طرفان اسيمبلي ٽوڙڻ ڪانپوءِ حڪومتي اتحاد جي ٽن وڏن ۾ اهم رابطو ٿيو آهي. پرويز الاهي طرفان صوبائي اسيمبلي ٽوڙڻ جي سمري تي صحيحن ڪانپوءِ ن ليگ قائد نواز شريف جو جمعيت علماءِ اسلام جي سربراه مولانا فضل الرحمان ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سان ٽيليفونڪ رابطو ٿيو ن ليگ ذريعن جو چوڻ آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

صحت جي عالمي اداري ڀارت جا سيرپ غير معياري قرار ڏئي ڇڏيا

ازبڪستان ۾ 19 ٻارن جي موت ڪانپوءِ ڪنگھ جي ٻن ڀارتي سيرپن کي غير معياري قرار ڏئي ڇڏيو

ڪنگھ جا ڀارتي سيرپ ايمبرونول ۽ ڊوڪ ون ميڪس ڪوالٽي اسٽينڊرڊ تي پورا لهڻ ۾ ناڪام رهيا

ڪراچي (م د) صحت جي عالمي اداري ازبڪستان ۾ 19 ٻارن جي موت ڪانپوءِ ڪنگھ جي ٻن ڀارتي سيرپن کي غير معياري قرار ڏئي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون سڀاڻي 15 جنوري تي ئي ٿينديون

متحده پاڪستان طرفان اليڪشن ڪميشن جو فيصلو مڃڻ کان انڪار

پي ٽي آءِ پاران سنڌ اسيمبلي آڏو ڌرڻو، جماعت اسلامي ڌرڻو ملتوي ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون سڀاڻي 15 جنوري تي ئي ٿينديون. اليڪشن ڪميشن سنڌ حڪومت جو فيصلو رد ڪري ڇڏيو، متحده پاڪستان طرفان اليڪشن ڪميشن جو فيصلو مڃڻ کان انڪار، پي ٽي آءِ پاران سنڌ اسيمبلي آڏو ڌرڻو جماعت اسلامي ڌرڻو ملتوي ڪري ڇڏيو تفصيلي خبر موجب اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: ماڙي پور روڊ تي واقع ريلوي ٽريڪ تي مينهون ويٺل آهن

17 جنوري تائين پارو 7 کان 5 ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڃي سگهي ٿو: موسميات کاتو

ڪراچي ۾ ڏينهن جو پارو 22 کان 24 ڊگري، سنڌ جي مٿين علائقن ۾ 2 کان 4 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رهي سگهي ٿو

ٿڌ جي لهر ۾ گهٽتائي اچڻ لڳندي، 18 کان 19 جنوري دوران اولهه هوائن جو هڪ سسٽم بلوچستان ۾ داخل ٿيندو

ڪراچي (م د) موسميات کاتي ڪراچي ۾ ٿڌ جي لهر وڌڻ جي اڳڪٿي ڪندي چيو آهي ته 17 جنوري تائين پارو 7 کان 5 ڊگري سينٽي گريڊ تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پنجهين سنڌ ڪاليج گيمز جو افتتاح 16 جنوري تي ٿيندو: احمد بخش ناريجو

تقريب 17 جنوري تي ڪراچي ۾ ٿيندي، سنڌ جو صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاھ افتتاح ڪندو

ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جي قيادت هيٺ مرڪزي ۽ ريجنل ڪاميٽيون قائم

ڪراچي (رپورٽر) ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ گورنمينٽ آف سنڌ جي سهڪار سان پنجين سنڌ ڪاليج گيمز 16 جنوري تي سنڌ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ايم ڪيو ايم ۽ پيپلزپارٽي اسان جا حق کسي ورتا آهن: حافظ نعيم الرحمان

رات جي اونداهي ۾ پيپلزپارٽي ۽ ايم ڪيو ايم ڪراچي ۽ حيدرآباد تي شب خون ماريو آهي: جماعت اسلامي جو امير

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پيپلزپارٽي جي ڪارڪن تيار رهن، صبح جو ايڪشن پلان جو اعلان ڪندا، احتجاج ڪندا

سنڌ حڪومت رات جي اونداهي ۾ اليڪشن کان ڀڄڻ جو رستو ڳولي ورتو آهي، عدالتي فيصلي جي توهين آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت پاران بلدياتي چونڊون ملتوي ڪرڻ جي اعلان ڪانپوءِ جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته رات جي اونداهي ۾ پيپلزپارٽي ۽ ايم ڪيو ايم ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: جماعت اسلامي ڪراچي جو امير حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

بحريا ٽائون ڪراچي جي ناري پنڪچر واري سان محبت جي شادي ڪري ڇڏي

ڪراچي (م د) پاڪستان جي هڪ امير عورت کي ان شخص سان پيار ٿي ويو جنهن سندس ڪار کي پنڪچر لڳايو يوٽيوب تي سيد باسط علي جوڙي جو انٽرويو ڪيو آهي. عائشه جي ڪار پنڪچر ٿي وئي هئي ۽ هوءَ ان کي زين نالي هڪ شخص جي دڪان تي کاهي وئي ۽ پنڪچر واري کي ڏسندي ئي ڪيس سائنس محبت ٿي وئي. بحريا ٽائون جي رهواسي عائشه جو چوڻ آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ملاح برادري بنيادي سهولتون مهيا ڪري قبضاگير مافيا خلاف ڪاروائي ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي

سنڌ ۾ وڏي آبادي ملاح برادري جي هوندي به ڪين هر دور ۾ نظرانداز ڪيو ويو، پر هاڻي ملاح برادري سجاڳ ٿي چڪي آهي: ڏاڏا آدم گندرو

ملاح برادري جي روزگار جي وسيلن، تڙن تي ٿيندڙ قبضا خالي ڪرائي قبضاگيرن خلاف ڪاروائي ڪري ڳوٺ پڪا ڪري جيئڻ جو حق ڏنو وڃي

برادري وارا پنهنجا سمورا اختلاف ختم ڪري اولاد کي تعليم ڏياري پنهنجي برادري جي ماڻهن جي وس آهر مدد ڪري پريشانين کان بچائين: ڳالهيون

ٺٽو(د ر) ٺٽي جي ملاح برادري ڍنڍن، ڍورن، تڙن تي ٿيل قبضن کي خالي ڪرائي بولي، گجي رچ تي لڳل پابندي تي عمل ڪرائي ماهيگيرن کي بنيادي سهولتون مهيا ڪري قبضاگير مافيا خلاف ڪاروائي ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي آهي، اهڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽو: منعقد ٿيندڙ تقريب کي مقرر خطاب ڪري رهيا آهن

علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي داخلائن جي پهرين مرحلي ۾ 15 جنوري کان شروع ٿينديون: ترجمان

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي سمسٽر بهار 2023 جي داخلائن جي پهرين مرحلي ۾ ميٽرڪ جنرل، ميٽرڪ درس نظامي، انٽرميڊيٽ جنرل، انٽر ميڊيٽ ڪامرس ۽ درس نظامي ۾ داخلائون 15 جنوري کان شروع ٿي رهيون آهن ميٽرڪ ۽ ايف اي پروگرامن ۾ داخلاجي آخري تاريخ 21 فيبروري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

تنڊو باگو ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران مهانگائي خلاف احتجاج

اگهه وڌائي غريب عوام کي خود ڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي: مظاهرين

اليڪشن ۾ ووٽ جو صحيح استعمال ڪري ڪرپٽ حڪمرانن کي گهر ڀيڙو ڪيو وڃي

تنڊوباگو(رپورٽ: سهيل سمون) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي سڏ تي تنڊوباگو شهر ۾ مهانگائي خلاف غلام مصطفيٰ عرف ڪارو هاليپوٽو، ٽائون صدر ظاهر سنڌي، امين عمراڻي ۽ ڪبول جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دادو ۾ شيعه علماءِ ڪائونسل پاران ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي، نعريبازي

ضلعي صدر سلامت جعفري، الطاف حسين سخيراڻي ۽ سينئر رهنما اشرف علي سخيراڻي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي عوام کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي، غريب ۽ مزدور طبقو پريشان آهي: مظاهرين

مهانگائي ختم ڪري غريب مظلوم عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي)شيعه علماءِ ڪائونسل پاڪستان ضلع دادو پاران ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف امام بارگاهه حيدري دادو کان پريس ڪلب دادو تائين ضلعي صدر سلامت جعفري، الطاف حسين سخيراڻي ۽ سينئر رهنما اشرف علي سخيراڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو ۾ شيعه علماءِ ڪائونسل پاران ڳاٽي ٽوڙ مهنگائي خلاف احتجاجي ريلي

جڄن ۽ وڪيلن جي ڪارڪردگي سڄي سال ۾ بهترين قرار

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ)نوشهروفيروز ڊسٽرڪٽ بار جي ساليانه انسپيڪشن ڊسٽرڪٽ سيشن جج محبوب علي جواهري جي نگراني هيٺ ٿي گذري جنهن ۾ وڪيلن ۽ جڄن جي ڪيسن بابت سال جي رپورٽ پيش ڪئي وئي ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ بار جو سينئر نائب صدر شڪيل احمد جوکيو سنڌ بار ڪائونسل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڏهرڪي ليبرٽي پاور پلانٽ ۾ مقامي ماڻهن کي نظرانداز ڪرڻ خلاف ريلي

سالانه ڪمپني طرفان پلانٽ اندر شٽڊائون لڳندي آهي، جنهن ۾ ڏاڙيا ماڻهو ڀرتي ڪيا وڃن ٿا: ساعت علي پيو

افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ڪمپنيءَ انتظاميا لوڪل ماڻهن کي نظرانداز ڪندي انهن کي روزگار نه ٿو ڏنو وڃي

ڪمپنيءَ گيٽ وٽان سوين ڏاڙيا ماڻهو اچي هڪ پرچي ۽ سفارش نموني سان انهن کي ڀرتي ڪيو وڃي ٿو

ڏهرڪي(رپورٽ لالچند موٽواڻي) ڏهرڪي ليبرٽي پاور پلانٽ ۾ لوڪل ماڻهن کي سالانه لڳندڙ شٽڊائون ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف لوڪل ۽ علائقي واسين جو احتجاجي مظاهرو، ان موقعي ساعت علي پيوعبدالحفيظ مهر غلام حسين پيو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سالانه ڪمپني طرفان پلانٽ اندر شٽڊائون لڳندي آهي، جنهن ۾ ڏاڙيا ماڻهو ڀرتي ڪيا وڃن ٿا پر افسوس سان چوڻو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

خانواهڻ ٿاڻي جي سامهون نامعلوم چورن دڪانن مان لکين روپيه ڀهاري ويا

شهر ۾ ٿاڻي سامهون ٿيل چوريءَ سبب شهري سراپا احتجاج بڻجي ويا، پوليس اگهور ننڊ ستل

مختلف سياسي سماجي تنظيمن، جسقم، شهري اتحاد، واپاري ۽ ٻين تنظيمن پاران احتجاج، ڌرڻو

پوليس ڌوهارين خلاف ڪابه ڪارروائي ڪرڻ کان لاچار بڻيل آهي جنهن سبب پريشان آهيون: مظاهرين

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ ٿاڻي جي سامهون نامعلوم چورن دوڪاندارن عابد ملاح، احسان ملاح ۽ سينيئر صحافي رياض پارس ملاح جي دوڪانن جا تالا ٽوڙي اتان لکين رپين جو سامان ٻن رڪشن ۾ وجهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

خانواهڻ: وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ سني رابطا ڪائونسل پاران مداح صحابه مطالباتي چلڊرين جلوس ڪڍيو ويو

سکر: سني رابطا ڪائونسل سکر سٽي پاران سٽي پوائنٽ ڪاٽيو، مداح صحابه مطالباتي چلڊرين جلوس ڪڍيو ويو، جنهن ۾ مختلف اسڪولن ۽ مدرسن جي طالبن شرڪت ڪئي، ريلي ۾ شامل علي حسن حيدري، محمد عثمان، فهيم معاويه ۽ ٻين چيو ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه اهو عظيم انسان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڏوڪريءَ ۾ ڪميونسٽ پارٽي ۽ سنڌ هاري ڪاميٽي پاران مظاهرو

اٽي جو هڪ ڪلو 60 روپين جي بجاءِ 150 کان 200 روپين ۾ وڪرو ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

اٽو ۽ ٻين خوراڪ جي مختلف شين جي سمورين شين جون قيمتون آسمان کي ڇهي رهيون آهن

جيڪڏهن عوام احتجاج لاءِ روڊن تي نه نڪتو ته حڪمران ڪين وسيلن کان محروم ڪري ڇڏيندا

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪريءَ ۾ ڪميونسٽ پارٽي ۽ سنڌ هاري ڪاميٽي طرفان اٽي جي مهانگائيءَ خلاف مرڪزي اڳواڻن جي اڳواڻيءَ هيٺ احتجاجي مظاهرو ڪيو آهي. ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي سيڪريٽري جنرل ۽ پاپولر ليفٽ الائينس جي ڪنوينر ڪامريڊ امداد قاضي، ڪامريڊ گلاب پيرزادي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪشمور ۾ ڪٽڪ اٽي جي هٽرادو ڪوٽ بليڪ تي وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو

خلاف ايس ٽي پي ۽ شيعا علماءَ ڪائونسل تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي ڪارڪنن پاران احتجاج ڪيو ويو

غيرقانوني طور جعلي لائسنس جاري ڪري ڪٽڪ اٽي جي چڪين جي نالي ڪٽڪ غائب ڪئي وئي آهي: مظاهرين

ڪٽڪ اٽي جي هٽرادو ڪوٽ بليڪ تي وڪري ۽ سرڪاري اسٽالز قائم نه ٿيڻ جو ڪو نوٽس ناهي ورتو ويو، واهر ڪئي وڃي

ڪشمور(رپورٽ اصغر علي چانڊيو)ڪشمور ۾ ڪٽڪ اٽي جي هٽرادو ڪوٽ بليڪ تي وڪري ۽ سرڪاري اسٽالز قائم نه ٿيڻ خلاف ايس ٽي پي ۽ شيعا علماءَ ڪائونسل تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي ڪارڪنن پاران ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ڪشمور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ڪشمور سياسي مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن حافظ علي جان مزاري بشير احمد قادري تنوير احمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪشمور ۾ ڪٽڪ اٽي جي هٽرادو ڪوٽ بليڪ تي وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

پ پ اڳواڻ غلام مصطفيٰ خاصخيلي جي ماسات عبدالحڪيم خاصخيلي جو ٽيجهو اڄ سڪرنڊ ۾ ٿيندو

حيدرآباد (رپورٽر)پ پ اڳواڻ غلام مصطفيٰ خاصخيلي عرف شيئهن خاصخيلي جي ڀاءُ ۽ حيدرآباد جي صحافي غلام حسين خاصخيلي حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سيڪريٽري جنرل جاني خاصخيلي جي ماسات مرحوم عبدالحڪيم خاصخيلي جو ٽيجهو اڄ ڇنڇر جي ڏينهن سڪرنڊ ۾ ٿيندو ٽيجهي جي موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سجاول ۾ مڪاني چونڊن جون تياريون مڪمل ٿيڻ جي ويجهو پهچي ويون

سجاول ضلعي ۾ 221 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وينديون: ترجمان اليڪشن ڪميشن

37 پولنگ اسٽيشنون مردن جون 37 پولنگ اسٽيشنون عورتن جون ۽ 147 گڏيل قائم ڪيون وينديون

ٻن اميدوارن جي فوت ٿيڻ سبب 253 سيٽن مان باقي رڳو 115 سيٽن تي اميدوارن پاران چونڊ وڙهڻ جو امڪان

سجاول(د ر) سجاول ۾ مڪاني چونڊن جون تياريون مڪمل ٿيڻ جي ويجهو پهچي ويون آهن ان حوالي سان اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب سجاول ضلعي ۾ 221 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وينديون. جن ۾ 37 پولنگ اسٽيشنون مردن جون 37 پولنگ اسٽيشنون عورتن جون ۽ 147 پولنگ اسٽيشنون گڏيل قائم ڪيون وينديون. انهن پولنگ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽي ۾ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي ۽ اٽي جي ڪوٽ خلاف شهري سراپا احتجاج

سوشل ورڪر جاويد همال ميمڻ، صحافي حيدر جوڻيجو، ڪامريڊ محمد آصف خشڪ ۽ ٻين ريلي ڪڍي

غريب طبقو پريشان آهي، ڪيرو واهر ڪرڻ وارو ناهي، اٽي ۽ ٻاٽي جي ڪوٽ فورن ختم ڪئي وڃي: مظاهرين

ٺٽو(جاويد ميمڻ)سڄي سنڌ جيان ٺٽي ۾ به ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي، اٽي جي هٽرادو ڪوٽ ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو پاران 75 روپيا في ڪلو اٽي جي ريٽ واري نوٽيفڪيشن تي دڪاندارن پاران عمل نه ڪرڻ خلاف شهري سراپا احتجاج، سوشل ورڪر جاويد همال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

انٽرنيشنل رائيٽرز فورم مٽياري سنڌ جو اجلاس

هي فورم سمورن لکندڙن جي حوصلا افزائي ڪري رهيو آهي: اعجاز ممنائي

فورم جو بنيادي مقصد سمورين ٻولين جي لکندڙن کي هڪ پليٽ فارم تي آڻڻ آهي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) انٽر نيشنل رائٽرز فورم ضلع مٽياري سنڌ جو اجلاس زير صدارت صوبائي صدر اعجاز ممنائي منعقد ٿيو جن اجلاس ۾ ضلعي باڊيءَ شرڪت ڪئي ان موقعي تي صوبائي صدر خطاب ڪندي چيو ته هي فورم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

انٽرنيشنل رائٽرز فورم مٽياري سنڌ جو اجلاس ٿيو

بدين جي پ پ جا 7 اميدوار بنا مقابلي ڪامياب

61 سيٽن تي 321 اميدوارن ۾ سخت مقابلي ٿيڻ جو امڪان

646 پولنگ اسٽيشن ۾ 106 پولنگون عورتن لاءِ قائم ڪيون ويون

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) 15 جنوري تي ٿيندڙ بلدياتي چونڊن ۾ مرڪز ۾ بدين ضلع ڪائونسل جي 68 سيٽن مان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سيوهڻ ۾ بلدياتي اليڪشن جو زور شور سان جاري

وارڊ نمبر 10 تي بيٺل آزاد اميدوار گلاب خان ٻڙي پ پ اميدوار جي حق ۾ هٿ کڻي ويو

ڪرڏايل تقريب ۾ آيل معززين کي سنڌ جي ثقافت طور اجرڪ ۽ تحفا پيش ڪيا ويا

سيوهڻ(رپورٽ) سيوهڻ شهر ۾ بلدياتي اليڪشن 2023 جي ورڪنون زور شور سان جاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

مورو ۾ محمد يونس سولنگي جي جنم ڏينهن تي تقريب

محمد سومر سولنگي، فقير بشير احمد لغاري، فقير اختر لغاري، عزيز ڪوراڻي ۽ ٻين جي شرڪت

صحافي دوستن پاران محمد يونس سولنگي جي اجرڪ ٽوپي جو تحفو ۽ گلن جا هار مالها پارايا ويا

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ)مورو پريس ڪلب جي سينئر صحافي پاڪستان طب جي بين الاقوامي طبيب سنڌ جي تعليم ۽ تعليمي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

مورو ۾ محمد يونس سولنگي جي جنم ڏينهن تي تقريب جو ڏيک

پرياسٽي پريس ڪلب جي چونڊ، عهديدار چونڊيا ويا

صدر راڻا شير محمد، نائب صدر شاهد مير سهتو چونڊجي ويا

جنرل سيڪريٽري عبدالمجيد ڪيريو ۽ ٻين ڪي پڻ چونڊيو ويو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پرياسٽي پريس ڪلب جي اليڪشن ٿي گذري جنهن ۾ صدر راڻا شير محمد نائيب صدر شاهد مير سهتو ۽ جنرل سيڪريٽري عبدالمجيد ڪيريو کي اتفاق راءِ سان چونڊيو ويو تفصيل موجب پرياسٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڏهرڪي ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف تحريڪ لبيڪ پاران احتجاجي ريلي

مهانگائي ۽ اٽي جي بحران عوام کي خود ڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي: اڳواڻ

جيڪڏهن حڪمرانن مهانگائي کي نه روڪيو ته عوام سنڌن برو حال ڪري ڇڏيندو

ڏهرڪي(رپورٽ لالچند موٽواڻي) ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف تحريڪ لبيڪ پاڪستان پاران اڄ هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي جيڪا آفيس کان ٿي ڏهرڪي پريس ڪلب ڏهرڪي تي پهتي ريلي جي اڳواڻي تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي صدر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڏهرڪي ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف تحريڪ لبيڪ پاران احتجاجي ريلي جو ڏيک

دولتپور پرسان مسجد مان بيٽري چوري ڪندي 2 ڄڻا سوگها

چورن راشد پنجابي پٽي ۽ بابر ٻڙدي کي منهڙو پوليس گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ورتو

ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف سخت ڪان سخت ڪاروائي ڪئي وڃي: ايس ايڇ او

دولتپور صفن(رپورٽر) دولتپور پرسان وڏي آبادي وارو شهر ۽ يوسي منهڙو شهر جي گلزار جنت مسجد مان بيٽري چوري ڪندي ٻن چورن راشد پنجابي پٽي ۽ بابر ٻڙدي کي منهڙو پوليس چونڪي جي انچارج نثار جمالي ۽ سندس ٽيم گرفتار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ملڪ جي سياسي صورتحال انتهائي ڳنڀير ٿي چڪي آهي: قادر بخش قلمتي

معيشت تباهه ۽ پورهيت ماڻهو بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن، غريب طبقو سخت پريشان آهي: ن ليگ اڳواڻ

عوامي مسئلا مڪاني چونڊن ذريعي حل ڪيا ويندا آهن پر هتي چونڊن کي مسئلن جي ورچاڙهيو پيو وڃي

مليَر (د ر) ملڪ جي سياسي صورتحال انتهائي ڳنڀير ٿي چڪي آهي معيشت تباهه ۽ پورهيت ماڻهو بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن سياسي ڌرين سان گڏ سماجي تنظيمن ليکڪن ۽ صحافين کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي اهڙن خيالن جو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

گهارو ۾ تحريڪ لبيڪ پاران وڌندڙ مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي

ملڪ ۾ امير ويتر امير ٿيندو وڃي ۽ غريب غربت جي آخري حد تائين پهتو آهي: اڳواڻ

فصلن جو صحيح اگهه نه ملڻ سبب ذميداري ڪندڙ ماڻهو قرضن ۾ وڃي ويا آهن

گهارو(بشام جوکيو) تحريڪ لبيڪ پاران ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو تفصيل موجب تحريڪ لبيڪ گهارو پاران مهانگائي جي خلاف احتجاجي مظاهرو تحريڪ لبيڪ جي اڳواڻن مولانا ارشد نعيمي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گهارو ۾ تحريڪ لبيڪ پاران وڌندڙ مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي جو ڏيک

ٺٽون ڪوٽ ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سڏ تي اٽي جي اگهن ۾ واڌ خلاف ڌرڻو

عبدالڪريم ڪيريو نظيراحمد ڪيريو محبوب دل پورل سنڌي سڪندر جسڪاڻي سجاد ڪنير ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سنڌ حڪومت فلورملز ۽ چڪي مالڪن کي اٽو سستو وڪرو ڪرڻ وارو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ عمل نه ڪيو ويو آهي: اڳواڻ

اٽو مهانگو وڪرو ڪرڻ تي غريب ماڻهو به ويلا ماني لاءِ پريشان آهن ۽ خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن، واهر ڪئي وڃي

ٺٽون ڪوٽ(رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سڏ تي اٽي جي اگهن ۾ واڌ خلاف ٺٽون ڪوٽ پريس ڪلب اڳيان ضلعي ميرپورخاص اڳواڻ ب علي حيدر جسڪاڻي لالا دانش گرگيز شهمير ڪوسو امداد جسڪاڻي مرتضيٰ جسڪاڻي ۽ ٻين هٽ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽون ڪوٽ ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سڏ تي اٽي جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاج جو ڏيک

ٺٽي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ ٺٽو پوليس پاران فليگ مارچ ڪيو ويو

ٺٽو(رپورٽ: جاويد ميمڻ)بلدياتي چونڊن جي موقعي تي ضلعي ٺٽي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ ٺٽو پوليس پاران فليگ مارچ ڪيو ويو، جنهن ۾ سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن، ايس ڊي پي اوز ايس ايڇ اوز 15 انچارج ۽ لاڳاپيل آفيسرن ۽ جوانن شرڪت ڪئي. ريلي ٺٽي جي مختلف علائقن مان ٿيندي. مڪلي، گجو، گهارو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

غوثپور ۾ ڪارنهن تڪرار تان ٿيل جهيڙي تان احتجاج ڪرڻ تي ڪيس داخل

پاران ايف آءِ آر ۾ حبيب الله ڀلڪاڻي، آصف، عنايت الله، صيف الله ۽ ٻين جا نالا شامل

برڪت- رزاق- فضل ۽ سراج سميت ٻين اڪيهن ڄڻن کي ڪيس ۾ نامزد ڪيو ويو

غوثپور(عبدالحبيب ملڪ) غوثپور ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ڪارنهن تڪرار تان لوڙي ۽ ڀلڪاڻي برادري جي وچ ۾ ٿيل جهيڙي تان احتجاج ڪندڙ مظاهرين پاران انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪري وارن خلاف ڏوهن 341.435 ۽ 337 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو جنهن جي ايف آءِ آر نمبر 21 آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽي ۾ ايس ٽي پي پاران مهانگائي خلاف ڊي سي آفيس آڏو علامتي بک هڙتال

اٽي سميت کاڌ خوراڪ جي شين ۾ واڌ سبب غريب عوام بکون ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويو آهي: اڳواڻ

حڪومت پاران ملڪ سميت مهانگائي جو هڪ طوفان کڙو ڪيو ويو آهي، غريب طبقو پريشان آهي

اگهن ۾ گهٽتائي ڪري عوام کي پريشانين کان بچايو وڃي، ڪرپٽ ڪامورن کي گهر ڀيڙو ڪيو وڃي

ٺٽو(رپورٽ جاويد ميمڻ) سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي ٺٽي ۾ مهانگائي خلاف ڪمشنر آفيس ٺٽو آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي جنهن ۾ ڪارڪنن شرڪت ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽي ۾ ايس ٽي پي پاران مهانگائي خلاف ڊي سي آفيس آڏو علامتي بک هڙتال جو ڏيک

ٺٽون ديرو جي صحافي منور علي منگي جو وڏو ڀاءُ لاڏاڻو ڪري ويو

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) ٺٽون ديرو جي صحافي منور علي منگي جو وڏو ڀاءُ ڪريم ڏنو منگي 70 ورهين جي ڄمار ۾ ڊگهو عرصو بيمار رهڻ ڪري وفات ڪري ويو آهي جنهن جي جنازي نماز ٺٽون ديرو شهر جي مرڪزي المصطفيٰ عيد گاهه ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ شهر جي سياسي، سماجي، علمي، ادبي، قومپرست، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر ۾ وڌندڙ مهانگائي، بيروزگاري، اٽي سميت عام شين جي اگهن ۾ رڪارڊ واڌ خلاف ريلي

سماجي تنظيم لبيڪ سکر جي انتظامن هيٺ محمد بن قاسم پارڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، سخت نعريبازي

موجوده حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي، غريب طبقو پريشان آهن: مظاهرين

حڪومت جي غلط پاليسين سبب ملڪ جو عوام خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويو آهي، واهر ڪئي وڃي: مطالبو

سکر(رپورٽر)ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي، بيروزگاري، اٽي سميت عام شين جي اگهن ۾ رڪارڊ واڌ خلاف سماجي تنظيم لبيڪ سکر جي انتظامن هيٺ محمد بن قاسم پارڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، اها ريلي مختلف چوڪن کان ٿيندي سکر پريس ڪلب پهتي جتي مظاهرين احتجاجي مظاهرو ڪري حڪومت خلاف نعريبازي ڪئي، احتجاج ۾ سکر جي سياسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

اڄ کان سنڌ حڪومت ڀٽو نظام نافظ ڪري ڇڏيو آهي: ڊاڪٽر ذلفقار مرزا

منهنجا آصف زرداري سان اختلاف ايم ڪيو ايم ۽ سنڌ جي لڄ برقرار رکڻ لاءِ ٿيا هئا

هاڻي پيپلزپارٽي وارا اڳواڻ ايم ڪيو ايم کي مٿي تي چاڙهي ويهاريو ويٺا آهن

سڄي سنڌ ۾ مڪاني چونڊون ملتوي ڪري بدين ۾ انڪري پئي ڪرائي وڃي: خطاب

تنڊوباگو(رپورٽ: سهيل سمون) تنڊوباگو ۾ مڪاني ادارن جي اليڪشن حوالي سان جي ڊي اي جي اميدوارن جي ورڪ مهم دوران خطاب ڪندي ڊاڪٽر ذلفقار مرزا چيو ته اڄ کان سنڌ حڪومت طرفان سنڌ ۾ ڀٽو نظام نافظ ڪري ڇڏيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

تنڊوباگو: ڊاڪٽر ذلفقار مرزا عوامي هجوم کي خطاب ڪري رهيو آهي

سکر پوليس جي موٽر سائيڪلون هلائيندڙن خلاف وٺ پڪڙ

سکر: سکر پوليس جي موٽر سائيڪلون هلائيندڙن خلاف وٺ پڪڙ، مختلف هنڌن تي تلاشي جي بهاني تي 50 کان وڌيڪ موٽر سائيڪلون هٿ ڪري ٿاڻن تي بند ڪري ڇڏيون، ڏيتي ليتي بعد مالڪن حوالي، خبرموجبسکر پوليس پاران شهر ۾ سنيپ چيڪنگ جي نالي تي موٽر سائيڪلون هلائيندڙن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر: سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي هندو پنچائت جون چونڊون 27 جنوري تي ٿينديون

صدر، نائب صدر، جنرل سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري، خزانچي، آڊيٽر ۽ ايڊوائيزر جي عهدن جي چونڊ ٿيندي

مکي ايشور لال ماڪيجا جي پئنل سامهون رنجيت ڪمار ۽ ديوان چند چاولا جا پينل به ميدان ۾ اچڻ جا امڪان

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ شهري ڄئي رام داس بختيارپوري 2017ع ۾ پٽيشن داخل ڪرائيندي موقف اختيار ڪيو هو

سکر(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر جي حڪم تي هندو پنچائت جون چونڊون 27 جنوري تي ٿينديون، صدر، نائب صدر، جنرل سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري، خزانچي، آڊيٽر ۽ ايڊوائيزر جي عهدن جي چونڊ ٿيندي، هندو پنچائت جي چونڊن ۾ ٽي پئنل سامهون اچڻ جو امڪان. سال 2006 کان چونڊون نه ٿيڻ تي شهري طرفان داخل درخواست تي عدالت ڊي سي سکر کي هندو پنچائت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

خانپورمهر ۾ مهانگائي خلاف مختلف سياسي سماجي ڌرين پاران ڌار ڌار مظاهرا، ڌرڻا

محمد نواز سمون، مولوي محمد خان انڙ، معشوق سمون، مشتاق سمون ۽ اڪبر شاهه جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

سنڌ ۾ اٽي سميت عام واهپي جي شين جا هٽرادو اگهه مقرر ڪري غريب عوام کي لٽيو ۽ ڦريو پيو وڃي: مظاهرين

اٽي جو هٽرادو بحران پيدا ڪيو ويو آهي، احتجاجن باوجود ڪرپٽ حڪمران ۽ ڪامورا خاموش تماشائي بڻيل آهن

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ مهانگائي خلاف مختلف سياسي سماجي ڌرين ۽ شهرين پاران ڌار ڌار احتجاجي مظاهرا ۽ ڌرڻا، خبرموجب، خانپورمهر ۾ شيعه علماءَ ڪائونسل جي ڪارڪنن ۽ شهرين وڌندڙ مهانگائي خلاف شيعه علماءَ ڪائونسل اڳواڻ محمد نواز سمون، مولوي محمد خان انڙ، معشوق سمون، مشتاق سمون ۽ اڪبر شاهه جي اڳواڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

خانپورمهر ۾ مهانگائي خلاف مختلف سياسي سماجي ڌرين پاران ڌار مظاهرن جو ڏيک

وڳڻ ۾ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف شيعا علماءِ ڪائونسل پاران احتجاج، نعريبازي

علي شاهه، جميل احمد مغيري، ممتاز وڳڻ، غلام اڪبر جتوئي، نادر ٽنيو ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

سنڌ حڪومت عوام دشمن فيصلا ڪري ماڻهن کان ٻن ويلن جي ماني کسي ڇڏي آهي: مظاهرين

اٽي سميت عام وهاپي واري شئين جا اگهه گهٽ ڪري مسڪين ماڻهن سان انصاف ڪيو وڃي

وڳڻ(رپورٽر) وڳڻ ۾ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف شيعا علماءَ ڪائونسل جي اڳواڻن طرفان مڪ چونڪ وڳڻ کان احتجاجي ريلي ڪڍي سنڌ جي حڪمرانن خلاف سخت ناري بازي ڪئي وئي ريلي شهر جي مختلف روڊن کان ٿيندي سٽي پريس ڪلب وڳڻ پهتي جتي شيعا علما ڪائونسل جي اڳواڻن سيد عمران علي شاهه . جميل احمد مغيري . ممتاز وڳڻ . غلام اڪبر جتوئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 14 جنوري 2023ع

سياسي صورتحال معاشي حالتن وڌيڪ خراب ته نه ڪندي!

هڪڙي سياسي بحران مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي ته ٻيو بحران سامهون ڪر کڻي بيٺل نظر اچي ٿو جنهن ڪري ملڪ ۾ سياسي استحڪام پيدا ٿيڻ جو نالو ئي نٿو وٺي ۽ ملڪ جون معاشي حالتون سڌرڻ نه ٿيون ۽ عوام ڏينهون ڏينهن مهانگائي جي چڪي ۾ پيسجي رهيو آهي. ملڪ جو وڏو صوبو ڪيتري وقت کان وٺي انهي سياسي بحران سبب جنگ جو ميدان بڻيل آهي ڪڏهن آئيني بحران ته ڪڏهن سياسي بحران سبب جي ڇڏهڻ لاءِ تيار ناهي ٻين صوبن ۾ وري ان کان منڊو صوبائي ڪارڪردگي رهيو آهي پر پنجاب ۾ خبر ئي نٿي پوي ته ڪهڙي ڏينهن ڇا ٿيندو آهي. هن وقت به اها صورتحال آهي جو پنجاب جي وڏي وزير گذريل رات اسيمبلي مان اعتماد جو ووٽ وٺڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ته وري اُتان جي مخالف ڌر جيڪا وفاق ۾ حڪومت ڪري رهي آهي ان عمل کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي ۽ لڳي ٿو معاملو وري عدالت ڏانهن ٿي ويندو هوندو به ڪيتري وقت کان وٺي پنجاب جو حڪومتي معاملو عدالتن ذريعي ئي هلي يا حل ٿي رهيو آهي. ڏسون ته هاڻي اهو معاملو ڪٿي ٿو ڌنگ ڪري پر هڪ ڳالهه واضح آهي ته پنجاب جو بحران حل نه ٿيڻ جا وڏا اثر وفاق تي به پئجي رهيا آهن ته ملڪ جي معيشت به انهي بحران سبب شديد متاثر ٿي رهي آهي. ملڪ هن وقت جنهن معاشي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي ان مان نڪرڻ لاءِ سياسي استحڪام انتهائي ضروري آهي جنهن لاءِ سيني ڌرين کي معاشي معاملن تي گڏ ويهي ويچارڻو پوندو نه ته صورتحال بهتري طرف نه ويندي پر هتي قصوئي ابتو نظر اچي رهيو آهي. معاشي معاملن تي ڳالهائڻ بدران سياسي ۽ حڪومتي معاملا ئي ايترا بگڙيل نظر اچي رهيا آهن جو روز ڪو سياسي يا حڪومتي بحران آڏو اچي ٿو وڃي ۽ ڌريون معاملا پاڻ ۾ طئي ڪرڻ بدران عدالتن ڏانهن هليون ٿي وڃن. پنجاب ۾ ته گذريل ڪجهه مهينن کان گهڻ ۾ گهڻ اهڙي صورتحال آهي. اجا جنيوا ڪانفرنس کي ڪجهه ڏينهن ئي مس گذريا آهن ۽ ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ عالمي امداد جو آسرو مليو آهي ته ملڪ ۾ وري سياسي صورتحال خراب کان خراب تر ٿيڻ طرف وڃي رهي آهي. آءِ ايم ايف سان ڳالهين ذريعي قرض ملڻ جو به آسرو آهي جنهن کانپوءِ دوستن ملڪن کان به وڌيڪ سهڪار جا رستا کلي سگهن ٿا پر اهو سڀ ڪجهه هوندي ملڪ ۾ جاري سياسي عدم استحڪام ختم ٿيڻ جي ڪا به اميد نظر نه پئي اچي. جنهن انداز ۾ پنجاب جي وڏي وزير گذريل رات جو 12 هين وڳي ڪانپوءِ اعتماد جو ووٽ ورتو آهي انهي سان نه رڳو سياسي لڙائي ۽ بحران وڌيڪ تيز ٿيو آهي پر سياسي ڌرين ۽ پارليامينٽ جي ساک کي به ڌڪ رسيو آهي، جڏهن ته مخالف ڌر وري انهي معاملي تي ٻيهر عدالت ڏانهن وڃڻ جون ڳالهيون ڪري رهي آهي. عمران خان اڳ ئي اهو اعلان ڪري چڪو آهي ته جيئن ئي پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ وٺندو تيئن ئي پنجاب ۽ ڪي پي جون اسيمبليون ٽوڙيون وينديون. مطلب هاڻي انهن اسيمبلين ٽوڙڻ آڏو سواءِ پرويز الاهي جي ٻي ڪا به رڪاوٽ ناهي. ڇا به ٿئي پر لڳي ايئن ٿو ته اهو سياسي بحران حل ٿيندي نظر نه ٿو اچي جيڪو ئي معاشي عدم استحڪام جو سبب بڻجي رهيو آهي. اسان سمجهون ٿا ته هي سياسي ڌرين جو امتحان آهي ته اهي ملڪ کي هن معاشي بحران جي ڌٻڻ مان ڪيئن ٿيون ڪڍن. ڇاڪاڻ ته نه اسيمبليون ٽوڙڻ مسئلي جو حل آهي نه ئي وري هن بحراني صورتحال ۾ وڌيڪ رهڻ سان ڪو مسئلو حل ٿيندي نظر اچي رهيو آهي. جيڪڏهن سياسي ڌريون پنهنجون سياسي ايجنڊائون پاسي تي رکي ملڪ جي معاشي مسئلي تي ويچارڻ لاءِ گڏ ويهي ڪو فيصلو نه ٿيون ڪن تيسائين نه ئي سياسي بحران ختم ٿيندو ۽ نه ئي معاشي مسئلو حل ٿي سگهندو. پهلي جنيوا ڪانفرنس سان هڪ اميد پيدا ٿي هجي پر سياسي عدم استحڪام ملڪي معاشي حالتن کي وڌيڪ خراب ڪري ڇڏيندو جنهن کان ئي بچڻ جي ضرورت آهي.

وزيراعظم شهباز شريف جو گڏيل عرب امارتن جو دورو

سارا ڪائنات

وزيراعظم محمد شهباز شريف گڏيل عرب امارتن جي صدر شيخ محمد بن زيد النهيان جي دعوت تي 12 کان 13 جنوري تائين گڏيل عرب امارات (يو اي اي) جو دورو ڪندو. وزارت عظميٰ جو عهدو سنڀالڻ کانپوءِ وزيراعظم محمد شهباز شريف جو گڏيل عرب امارتن جو هي ٻيو دورو هوندو. وزيراعظم سان گڏ ڪابينا جا اهم ميمبرن سميت اعليٰ سطحي وفد به گڏ هوندو. UAEجي باني شيخ زيد بن سلطان النهيان جي قيادت کان سواءِ ممڪن نه هجن ها. هن عظيم ليڊر کي پاڪستان سان تمام گهڻو پيار هو هن پاڪستان ۾ ڪيترن ئي سماجي ۽ اقتصادي منصوبن ۾ ذاتي دلچسپي ورتي ۽ پاڪستاني مزدورن کي UAEم ڪم ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪيا. شهباز شريف جي وزيراعظم چونڊجڻ کانپوءِ پاڪستان ۽ يو اي اي جا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيا آهن. وزيراعظم جي دوري سان ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ سگهه ملي آهي. اسان جا واپاري ۽ اقتصادي لاڳاپا پڻ مضبوط ٿيا آهن .8 بلين ڊالر کان وڌيڪ جي گڏيل واپار سان، UAE ۽ اتر آفريڪا جي علائقي ۾ پاڪستان جو سڀ کان وڏو واپاري پارٽنر آهي. اهو پاڪستان ۾ سڀ کان وڏو پرڏيهي سيڙپڪار آهي. پاڪ چين اقتصادي راهداري جي مسلسل ترقي ۽ گوادر بندرگاهه جي آپريشنل ٿيڻ سان پاڪستان کي افغانستان ۽ ان کان اڳتي ايشيا سان ڳنڍڻ لاءِ تيار آهي. اسان جي خطن جي وچ ۾ بهتر رابطا اسان جي عوام لاءِ تمام گهڻو فائديمند ثابت ٿيندا. وزيراعظم محمد شهباز شريف جي دوري دوران وزيراعظم يو اي اي جي وزيراعظم ۽ نائب صدر ۽ دبئي جي حڪمران شيخ محمد بن راشد المڪتوم سان به ملاقاتون ڪندو. دوري دوران وزيراعظم اماراتي واپارين ۽ سيڙپڪارن سان ملاقاتون ڪندو جنهن ۾ ٻطرفي واپار ۽ سيڙپڪاري کي وڌائڻ جي طريقن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي. گذريل پنجن ڏهاڪن کان گڏيل عرب امارتن جي ڪاميابين سان گڏ ٻئي پاڻ ملڪ ترقي، خوشحالي ۽ معاشي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. پاڪستان ۽ يو اي اي گڏيل عقيدي ۽ روايتن، گڏيل تاريخ ۽ ورثي تي ٻڌل ويجهن ۽ پائدار لاڳاپن ۾ جڙيل آهن. ياد رهي ته پاڪستان ۽ متحده عرب امارات مضبوط، مضبوط ۽ مذهبي قدرن تي ٻڌل لاڳاپا آهن. پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارتن وچ ۾ گڏيل قدرن تي ٻڌل گهرا، مضبوط ۽ مذهبي لاڳاپا آهن. دوري دوران وزيراعظم گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زيد النهيان سان ملاقات ڪندو جنهن ۾ ٻنهي برادر ملڪن وچ ۾ اقتصادي، واپاري ۽ سيڙپڪاري لاڳاپن کي هٿي وٺرائڻ ۽ يو اي اي ۾ پاڪستاني افرادي قوت لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويندو ٻئي اڳواڻ گڏيل دلچسپي جي مختلف علائقائي ۽ عالمي معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪندا. ياد رهي ته ميان شهباز شريف جڏهن کان اتحادي حڪومت جي وزيراعظم جو عهدو سنڀاليو آهي. هن ملڪ جي معيشت جي بحاليءَ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو آهي. نون مهينن کان هن دوست ملڪن ۽ ٻين ادارن سان گڏجي پاڪستان جي معاشي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. جنهن جو واضح مثال تازو جنيوا ڪانفرنس

آهي. جنهن ۾ ٻوڏ متاثرن جي امداد لاءِ توقع کان وڌيڪ فنڊن جو واعدو ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه آءِ ايم ايف جي نمائندن سان به مثبت ڳالهه ٻولهه ٿي آهي ۽ هاڻي پاڪستان جي قرضي ٿيڻ جو خطرو ختم ٿي ويو آهي. تنهن هوندي به وڌيڪ سخت فيصلا ڪرڻا پوندا. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ به بهتري آئي آهي. ان حوالي سان پرڏيهي آفيس جي ترجمان جو چوڻ آهي ته وزيراعظم شهباز شريف يو اي اي جي سربراهه جي دعوت تي دورو ڪري رهيو آهي. ترجمان جو چوڻ آهي ته وزيراعظم سان گڏ ڪابينا جي اهم ميمبرن سميت وفد به هوندو. هي دورو ملڪ جي معاشي صورتحال جي حوالي سان اهم نوعيت جو آهي. نون مهينن کان هن دوست ملڪن ۽ ٻين ادارن سان گڏجي پاڪستان جي معاشي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي جنهن جو واضح مثال تازو جنيوا ڪانفرنس آهي. جنهن ۾ ٻوڏ متاثرن جي امداد لاءِ توقع کان وڌيڪ فنڊن جو واعدو ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه آءِ ايم ايف جي نمائندن سان به مثبت ڳالهه ٻولهه ٿي آهي ۽ هاڻي پاڪستان جي قرضي ٿيڻ جو خطرو ختم ٿي ويو آهي. تنهن هوندي به وڌيڪ سخت فيصلا ڪرڻا پوندا. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ به بهتري آئي آهي. ان حوالي سان پرڏيهي آفيس جي ترجمان جو چوڻ آهي ته وزيراعظم شهباز شريف يو اي اي جي سربراهه جي دعوت تي دورو ڪري رهيو آهي . ترجمان جو چوڻ آهي ته وزيراعظم سان گڏ ڪابينا جي اهم ميمبرن سميت وفد به هوندو. هي دورو ملڪ جي معاشي صورتحال جي حوالي سان اهم نوعيت جو آهي. دوري دوران وزيراعظم گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زيد النهيان سان ملاقات ڪندو. متحده عرب امارات جي قيادت سان ملاقاتن ۾ ٻطرفن لاڳاپن ۽ واپاري معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي. ملاقات ۾ پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جي معاهدن تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي. واضح رهي ته انهن ڏينهن ۾ پاڪ فوج جو سربراهه جنرل عاصم منير به سرڪاري دوري تي گڏيل عرب امارات ۾ آهي، جتي يو اي اي جي صدر شيخ محمد بن زيد النهيان جنرل عاصم منير جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو. ملاقات ۾ شيخ محمد بن زيد النهيان جنرل عاصم منير کي پاڪ فوج جو سربراهه بڻجڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ سندس نئين ذميوارين لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. پاڪستان ۽ يو اي اي وچ ۾ دفاعي ۽ فوجي سهڪار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان حوالي سان پنهنجي ٽوئيٽر تي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ٻوڏ متاثرن جو ڪيس پيش ڪنداسين ۽ متاثرن جي امداد ۽ بحالي لاءِ حڪومتي قدمن تي به روشني وجهنداسين. موجوده معاشي صورتحال سبب سمورين صنعتون متاثر ٿي رهيون آهن. لڳ ڀڳ 30 کان 40 سيڪڙو صنعتون بند ٿي چڪيون آهن. وزيراعظم شهباز شريف جي گڏيل عرب امارتن جي دوري دوران 2 ارب ڊالرن جي قرض جي واپسي لاءِ وڌيڪ مهلت طلب ڪرڻ جو امڪان آهي. پاڪستان ۽ يو اي اي پي ٽي سي ايل جي ملڪيتن کي ڪمرشلائيز ڪرڻ جي تجويز تي غور ڪري رهيا آهن

جڏهن ته ٻڌايو ته هي هڪ ... متحده عرب امارات جي عوامي طور تي درج ڪيل سرڪاري ادارن جي شيئرز جي وڪرو ۽ ڪراچي پورٽ جي قاسم انٽرنيشنل ڪنٽينر ٽرمينل جي حوالي ڪرڻ جي تجويز تي به غور ڪيو ويندو، جڏهن ته ملڪ جي مختلف طبقن جي حوالي ڪرڻ بدران 2 ارب ڊالرن جا قرض ادا ڪرڻ لاءِ وڌيڪ وقت طلب ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جڏهن ته پاڪستان کي اهو قرض فيبروري ۽ مارچ جي وچ ۾ ادا ڪرڻو پوندو اپريل 2022 ۾ وزيراعظم يو اي اي جو دورو ڪيو ۽ هن وڌيڪ قرض گهريو، پر اها درخواست قبول نه ڪئي وئي. وزيراعظم نواز شريف گذريل سال 16 مئي تي گڏيل عرب امارات جو دورو ڪيو هو ۽ متحده عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زيد النهيان سان ملاقات ۾ هن پاڪستان جي عوام ۽ حڪومت جي طرفان تعزيت جو اظهار ڪيو ان موقعي تي شاهي خاندان جا ميمبر پڻ موجود هئا. وزيراعظم ڪيس ٻڌايو ته پاڪستاني قوم ڏک جي هن گهڙي ۾ اماراتي ڀائرن سان گڏ بيٺل آهي ۽ هو انهن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪري ٿو هن مرحوم جي لاءِ مغفرت جي دعا پڻ ڪئي. ان موقعي تي وزيراعظم چيو ته شيخ خليفي جي لاڏاڻي سان پاڪستان هڪ مخلص دوست ۽ بااعتماد ساٿي کان محروم ٿي ويو آهي. هن ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو قوم سندس خدمتن کي هميشه ياد رکندي. هن پاڪستان جي عزم جو اظهار ڪيو ته هو امارات جي ايندڙ نسلن سان گڏ پنهنجي ورثي کي اڳتي وڌائيندو. وزيراعظم صدر شيخ محمد بن زيد النهيان کي نئين ذميوارين سنڀالڻ تي مبارڪباد پڻ ڏني. جنهن ۾ هن ان اميد جو اظهار ڪيو ته صدر ايندڙ سالن ۾ يو اي اي کي ترقي ۽ خوشحالي جي نئين بلندين ڏانهن وٺي ويندو. پاڪستان ۽ متحده عرب امارات جي وچ ۾ لاڳاپا 1971ع ۾ ابوظهبي جي ناهه ڪانپوءِ شروع ٿيا. شيخ زيد بن سلطان النهيان صدر ۽ شيخ مڪتوب بن راشد نائب صدر ۽ وزيراعظم چونڊيو ويو ان وقت پاڪستان پهريون ملڪ هو جنهن سرڪاري طور تي UAEکي تسليم ڪيو پاڪستان ۽ متحده عرب امارات جا تمام ويجها واپاري لاڳاپا آهن. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته متحده عرب امارات پاڪستان ۾ چوٿون وڏو سيڙپڪاري ڪندڙ ملڪ آهي. ان کان علاوه يو اي اي پاڪستان اسسٽنٽ پروگرام تحت تعليم، صحت، آبي وسيلن ۽ انفراسٽرڪچر جي شعبن ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. ان سلسلي ۾ پاڪستان ۾ به وڏيون پلون، 52 اسڪول، 7 اسپتالون ۽ 64 واٽر سپلاءِ اسڪيمون ٺاهيون ويون. 2009ع ۾ لاهور ۾ سريلنڪن ڪرڪيٽ ٽيم تي حملي ڪانپوءِ پاڪستان تي انٽرنيشنل ڪرڪيٽ جا دروازا بند ٿي ويا ۽ پرڏيهي ٽيمن جو پاڪستان اچڻ بند ٿي ويو. هن ڏکئي وقت ۾ UAE پاڪستان جو ساٿ ڏنو ۽ پاڪستان UAEجي راندين جي ميدانن کي پنهنجي هوم گرائونڊ طور استعمال ڪيو. پاڪستان ۽ يو اي اي جي دوستي پراڻي آهي اميد آهي ته وزيراعظم شهباز شريف جي دوري سان لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا.

> صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ؛
> بازي بازِندنِ ڪي، آهي اَويسارَ؛
> پِريا سين پَهڪارَ، رِنديءَ رَساڻي ڪيا.

ماني مهانگي موت سستو

ذوالفقار چانڊيو

سنڌ اهو صوبو آهي جيڪو قدرتي وسيلن سان مالامال آهي تيل گيس ڪوئلو سون لوهه سميت زرعي حوالي سان سنڌ صوبو وڏي اهميت وارو آهي جتي کائڻ پيئڻ جي هر شيءِ سبزي فروٽ ميوات سڀ سنڌ جي خطي جو حسن آهن. ايئن ڪٿي چئجي ته قدرت جي هر نعمت سنڌ سگهوري ۾ موجود آهي پر هن خوشحال صوبي جي غريب عوام جو حال بيان ڪجي ته ايئن ٿو محسوس ٿئي ته هي خوشحال ڌرتيءَ جا رهواسي نه پر پٿر جي دؤر جا رهندڙ ماڻهو آهن. سنڌين ذاتي زندگي تمام گهڻي مشڪل مصيبتن واري گذرندي رهي ٿي. ڪين وقت جي حڪومتن طرفان بنيادي سهولتن سميت ڪي به سهولتون نه ملڻ جي ڪري ويچارا ننڌڻڪا دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهن. جيڪڏهن سنڌين ڏکن سورن جو ذڪر ڪجي ته اخبارن جا صفحا ڀرجي ويندا پر هن خوشحال ڌرتيءَ جي ماروئڙن جا اهنج ختم نه ٿي سگهندا. سيني سورن تڪليفن کي ڇڏي جيڪڏهن غريب مسڪين ماڻهن جي صرف هڪ ڏينهن جي سورن دردن جو داستان بيان ڪجي تڏهن به دل دانهون ڪوڪون ڪندي روئندي تڙپندي رهي ٿي ته هي منهنجي ديس جي ماڻهن سان ڪيڏو ظلم ۽ ناانصافي ٿي رهي آهي جو اڄ ڪلهه غريب مسڪين ماڻهو اٽي جي لپ ماني ڳيي لاءِ پريشان ۽ دربدر ٿي رهيا آهن. سرڪاري اسٽالن توڙي فلور ملز اڳيان اٽو خريد ڪرڻ لاءِ وڏي رش ۽ قطارون نظر اچن ٿيون هي ڪهڙو دؤر اچي ويو آهي جو خوشحال صوبي سنڌ جا ماڻهو اٽي جي لپ، ماني ڳيي لاءِ پريشان ۽ ننڌڻڪا لڳا پيا آهن. هر جڳهه تي ڌڪا ٿاٻا کائڻ تي مجبور آهن جتي ڪين تذليل جو نشانو بڻائي اٽي جي لپ ملي رهي آهي، پر هاڻي صورتحال ايتري خطرناڪ ۽ مشڪل واري بڻجي وئي جو اٽي جي لپ خريد ڪرڻ پويان ماڻهن جي مرڻ ۽ جسم کان معذور ٿيڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. صرف هڪ ڏينهن اندر سنڌ ۾ 2 افسوسناڪ واقعا سامهون آيا آهن جنهن نازڪ دل رکندڙ ماڻهن کي روئڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي ته هي منهنجي خوشحال ديس جي غريب مسڪين ماڻهن سان ڪيڏو وڏو ظلم ٿي رهيو آهي. جيئن ڪجهه ڏينهن اڳ ميرپورخاص ۾ اٽو خريد ڪرڻ دوران رش وڌي وڃڻ ڪري هڪ مسڪين پورهيت هرسنگ ڪولهي ڇيڀاڄجي فوت ٿي ويو. اهڙو افسوسناڪ واقعو وقت جي حڪمرانن جي منهن تي زوردار چماٽ آهي. هي صرف هڪ غريب مسڪين جو قتل نه پر سڄي سنڌ جي غريبن مسڪينن جو قتل آهي جن کي ماني ڳيي لاءِ ايترو دربدر ۽ پريشان ڪيو پيو وڃي. صرف ايترو نه پر منهنجي ادبي علمي شهر سڪرنڊ ۾ فلور مل تي اٽو خريد ڪرڻ دوران رش ۾ لتاڙجڻ سبب ٻن عورتن سميت هڪ معصوم ٻارڙيءَ جي ٽنگ ڀڄي پئي آهي. خوشحال سنڌ جي غريب مسڪين ماڻهن کي اٽي جي لپ پويان پنهنجي زندگي جي بازي هارائي ٿي پوي، ڪي وري نياڻيون نماڻيون اٽي جي لپ لاءِ معذور اپاهج بڻجي رهيون آهن. نياڻي نماڻي هوندي آهي جنهن کي سنڌ ۾ ست قرآن جي برابر سمجهيو ويندو آهي پر نااهل حڪمرانن جي غلط فيصلن نياڻين نماڻين کي اٽي جي لپ پويان معذور بڻائي ڇڏيو آهي. اهڙي قسم جا واقعا دل کي جهير ڏيندي سوال ڪري رهيا آهن ته آخر عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ عوام جا هڏڏوکي سياستدان حڪمران غريب عوام کي ننڌڻڪو ڇڏي ڪٿي گم ٿيل آهن. اهڙن واقعن جو ڪو داد فرياد ٿيندو يا وري سنڌ اندر غريب مسڪين ماڻهن لاءِ ماني مهانگي ۽ موت سستو بڻيل رهندو جنهن جي ڪري بس سنڌي ماڻهو ننڌڻڪا بڻجي مرندا رهندا. حقيقت ۾ اهڙن واقعن جو ڪيس وقت جي حڪمرانن سميت چونڊيل نمائندن مٿان داخل ٿيڻ گهرجي جيڪي عوام جي ووٽن تي چونڊجي اقتدار جا مزا ماڻي رهيا آهن جڏهن ته غريب مسڪين ماڻهو سخت تڪليفن پريشانين کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن.

بقايا 01

اُن کان اڳ سنڌ حڪومت مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي ترجمان مرتضيٰ وهاب کي قانوني ۽ آئيني ماهرن سان مشاورت جو ٽاسڪ ڏنو هو ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻن جي گڏيل پريس ڪانفرنس ڪانپوءِ صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جو ٺوس بيان سامهون آيو آهي شرجيل ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ ڪوبه آرڊيننس نه پئي آڻي صوبائي وزير چيو ته فوج پولنگ اسٽيشنز تي اهلڪار مقرر ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، پوليس ۽ رينجرز اهلڪار پولنگ اسٽيشنز تي مقرر ڪيا ويندا شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت تڪبندين جو نوٽيفڪيشن ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مطالبي تي واپس ورتو هو. اليڪشن ڪميشن اسان جي نوٽيفڪيشن کي رد ڪيو آهي شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ٿي رهيون آهن، امن امان برقرار رکڻ پوليس ۽ رينجرز جي ذميواري آهي

بقايا 02

واري وزير هدايت ڪئي ته سرڪاري ڪاليجز جي عمارتن ۽ پلاٽن تي هر قسم جو غيرقانوني قبضو ختم ڪرايو وڃي جڏهن ته ڪاليجن جي آس پاس حددخيلين جي خاتمي لاءِ پڻ قدم کنيا وڃن. هن چيو ته سرڪاري ڪاليجن تي قبضي جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي. اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته ايندڙ سال ڪاليجن جو بجيٽ شاگردن جي داخلا جي تناسب سان طئي ڪيو ويندو، صوبائي وزير چيو ته جن ڪاليجز ۾ داخلائن جو تناسب بهتر هوندو انهن ڪاليجن جي بجيٽ ۾ اضافو ڪيو ويندو ۽ سهولتون ڏيڻ جي حوالي سان انهن ئي ڪاليجن کي ترجيح ڏني ويندي صوبائي وزير چيو ته سرڪاري ڪاليجن جي پرنسپال جي ڪارڪردگي بهتر نه هئڻ جي صورت ۾ ان کي ذميوارين کان هٽايو وڃي. صوبائي وزير تعليم ڪاليج ڪاٿي پاران وڏي عرصي بعد راندين جي سرگرمين کي بحال ڪرڻ جي قدمن جي تعريف ڪئي، هن چيو ته ڪاليجن ۾ راندين جي منعقد ڪرڻ ۽ ٻين هم نصابي سرگرمين کي مستقبل ۾ به جاري رکيو وڃي جڏهن ته بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن کي نشاندهي ڪئي وڃي، سيد سردار علي شاهه هدايت ڪئي ته آئينده ڪاليجن جي عمارتن کي موسمي اثرن کان محفوظ رکڻ جي حڪمت عملي جوڙي وڃي ان ڏس ۾ ڪاليجن جي عمارتن کي موسمي اثرن کان بچائڻ ۽ شاگردن لاءِ محفوظ عمارتون تعمير ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن پاران تجويزون پڻ گهرايون وڃن. اجلاس ۾ ان ڳالهه جو به اصولي فيصلو ڪيو ويو ته آئينده ڪاليجن ۾ سبجيڪٽ جي بنياد تي ليڪچررز جون مقرريون ڪيون وينديون. هن وڌيڪ چيو ته پراڻي وقتن ۾ منظور ٿيل غيرضروري پوسٽون ختم ڪري ضرورت جي بنياد تي نيون تجويزون پيش ڪيون وڃن. صوبائي وزير هدايت ڪئي ته سنڌ ايجوڪيشن اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي اسڪالرشپس جي حوالي سان يونيورسٽيز سان رابطو ڪيو وڃي جو يونيورسٽيز طي ڪيل تعداد جي مطابق اسڪالرشپ ڏيڻ جو ٽارگيٽ پورو نه ڪري رهيون آهن. هن چيو ته يونيورسٽيز پاران اسڪالرشپ جا انگ پورا نه ڪرڻ جي صورت ۾ اسڪالرشپ جي ڪوٽا ٻين يونيورسٽيز کي ڏني وڃي جو ته سنڌ حڪومت پاران قائم ڪيل سنڌ ايجوڪيشن اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي اسڪالرشپ هوشيار ۽ مستحق شاگردن جو حق آهي. اجلاس ۾ صوبائي وزير وڌيڪ هدايت ڪئي ته اسڪالرشپ جي حوالي سان يونيورسٽيز کي موثر آگاهي مهم هلائڻ لاءِ به خط لکيا وڃن

بقايا 03

چونڊون ملتوي ڪرائڻ جو فيصلو رد ڪيو ويو ۽

چيو ويو ته سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جو ٻيو مرحلو 15 جنوري تي ئي مڪمل ڪيو ويندو. اليڪشن ڪميشن ان سلسلي ۾ گهرو وزارت کي انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز تي فوج ۽ رينجرز جي مقرري يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي. اليڪشن ڪميشن سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي بابت پنهنجي فيصلي جو حڪم نامو به جاري ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ حڪومت جي پڙتال ايس ايل جي اي قانون جي ڀڃڪڙي آهي، صوبي ۾ ٻئي مرحلي تحت مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ئي ٿينديون، چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي سنڌ سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪن. اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري ۽ اسپيشل سيڪريٽري کي ڪراچي پهچڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٺٽي ڊويزن ۾ چونڊن جي تياري مڪمل آهي، بيلٽ پيپر ڇپجي چڪا آهن، اسٽاف جي مقرري ٿي چڪي آهي، ڪميشن پولنگ لاءِ تيار آهي. اليڪشن ڪميشن موجب مڪاني قانون ۾ آهي ته شيڊيول جي اعلان ڪانپوءِ حدون تبديل نه ٿيون ٿي سگهن. پولنگ کان ڪ ڏينهن اڳ مقامي علائقن جو نوٽيفڪيشن واپس وٺڻ آئين ۽ قانون جي ابتڙ آهي، سروي موجب داڌو ۾ صورتحال پولنگ لاءِ سازگار آهي.

بقايا 04

غلام اڪبر لغاري ۽ ڪاليج ايجوڪيشن سيڪريٽري احمد بخش ناريجي ان حوالي سان باقاعدي طور نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. نوٽيفڪيشن اليڪشن ڪميشن جي هدايت تي صوبائي تعليم کاتي جاري ڪيو آهي. مڪاني چونڊن کي ڏسندي ٺٽي ضلعي ۾ به سڀائي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا 05

ته جيڪڏهن گورنر اسيمبلي نه ٽوڙيندو ته 48 ڪلاڪن ۾ پاڻمرادو ٽٽي ويندي. تفصيل موجب پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي اسيمبلي ٽوڙڻ جي سمري تي صحيحون ڪري ڇڏيون. زمان پارڪ لاهور ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ پارٽي جي مک قيادت اسيمبلي فوري طور ٽوڙڻ جي راءِ ڏني. بعد ۾ چوڌري پرويز الاهي جي عمران خان سان الڳ ملاقات ٿي، جنهن ۾ اسيمبلي ٽوڙڻ جو حتمي فيصلو ڪيو ويو ۽ وڏي وزير اسيمبلي تحليل ڪرڻ جي سمري تي صحيح ڪري ڇڏي. جيڪا گورنر بليغ الرحمان ڏانهن موڪلي وئي آهي. ٻئي طرف تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري ٻڌايو ته پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي اسيمبلي ٽوڙڻ جي سمري تي صحيحون ڪري ڇڏيون آهن. ايڊوائس گورنر کي موڪلي وئي آهي، جيڪڏهن گورنر اسيمبلي نه ٽوڙيندو ته 48 ڪلاڪن اندر پاڻمرادو ٽٽي ويندي. ڇنڇر تي خيبر پختونخوا اسيمبلي به ساڳئي نموني ٽوڙينداسين ۽ ٻنهي صوبن ۾ 90 ڏينهن اندر ٻيهر چونڊون ٿينديون. هن چيو ته پرويز الاهي ۽ سندس پارٽي جهڙي نموني اسان جو ساٿ ڏنو ۽ گڏ بيٺل رهيا، ان تي اسان ق ليگ، پرويز الاهي ۽ مونس الاهي جا ٿورائتا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان کي هاڻي قومي اليڪشن ڏانهن وڃڻ گهرجي. ملڪ ۾ استحڪام صرف چونڊن سان ئي اچي سگهي ٿو. تنهن ڪري وفاقي حڪومت کي پنهنجي هٺ ۽ ضد مان ٻاهر نڪرڻو پوندو. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي به چئون ٿا ته اسان جون استعيفائون منظور ڪري.

بقايا 06

ڪراچي جي آبادي کي درست ڳڻيو وڃي. ٽي ڪروڙ جي آبادي کي ڏيڍ ڪروڙ ڏيکارڻ سان مسئلا حل نه ٿيندا. تڪبندين ۾ آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي آهي. تڪبنديون درست ڪرڻ بنا مڪاني چونڊون غير قانوني هونديون. ايم ڪيو ايم متحده ۽ شريف ضرور ٿي آهي پر

ڪاغذي شينهن کي پيهاڻڻ چاهي ٿي. فروغ نسيم چيو ته سنڌ حڪومت طرفان نوٽيفڪيشن واپس وٺڻ ڪانپوءِ ڪي تڪبنديون ناهن رهيون. جنهن بنياد تي چونڊون ٿيڻيون هيون اهو بنياد ئي ختم ٿي ويو.

بقايا 07

ڪري ڇڏيا آهن. رپورٽ موجب تحريڪ انصاف پارٽي پاليسي کان ناراض ميمبرن خلاف ڪارروائي جي شروعات ڪري ڇڏي. پنجاب اسيمبلي ۾ اعتماد جي ووٽ دوران غير حاضر رهندڙ 2 ميمبرن کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا جن ۾ مومنه وحيد ۽ فيصل فاروق چيمه شامل آهن. 14 جنوري تي ٻنهي اڳواڻ ذاتي حيثيت ۾ پارٽي چيئرمين عمران خان جي آڏو پيش ٿيندا جن کي آرٽيڪل 63 اي جي تحت ڪارروائي کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. پارٽي طرفان جاري ڪيل شوڪاز ۾ چيو ويو آهي ته اوهان بطور پارلياماني ميمبر پي ٽي آءِ جي چٽي پاليسي کان انڪار ڪيو. چٽين هدايتن باوجود ٻنهي ميمبرن ان تي عمل نه ڪيو.

بقايا 08

حوالي سان وزيراعظم شهباز شريف پاڻ متحرڪ ٿي ويو آهي. ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين آصف زرداري سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو آهي جنهن ۾ ٻنهي اڳواڻن پنجاب جي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون. ذريعن موجب حڪومتي اڳواڻن پنجاب ۾ آئيني موجب هلڻ تي اتفاق ڪيو آهي ۽ ان حوالي سان آئيني ۽ قانوني مشورن تحت حڪمت عملي بنائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف پارٽي اڳواڻ نوازشريف سان به ٽيليفون تي رابطو ڪيو آهي جڏهن ته پنجاب جي سياسي معاملن تي چوڌري شجاعت کي به اعتماد ۾ وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي.

بقايا 09

سان حيدرآباد ۾ ملاقات ڪري خدشا ختم ڪيا ويندا خبر هجڻ گهرجي ته ڪيترا پرڏيهي رهن ٿا. ڇهين آدم شماري ۾ سنڌ جي اعتراضن سبب نتيجا دير سان آيا. سيڪيورٽي فورس رڳو عملي جي سيڪيورٽي لاءِ هوندي، ڳڻپ ۾ سندن مداخلت نه هوندي شماريات ڊويزن موجب خاطري سان چئون ٿا ته هن ڀيري آدم شماري شفاف هوندي. ڪنهن کي به اعتراض نه هوندو

بقايا 10

آهي. وڪيل پنهنجي روپي کي تبديل نه ڪندا ته مسئلا وڌندا. هن چيو ته وڪيلن طرفان جيڪي منهنجون ذميواريون آهن اهي پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

بقايا 11

گروهه مٿس حملو ڪيس ان گروهه ۾ 8 ڇوڪريون شامل هيون. جن جون عمرون 13 کان 16 سالن تائين ٻڌايون پيون وڃن. پوليس موجب ڇوڪرين مبينا طور ڪين لي تي خنجر سان حملو ڪيو ۽ ڪيس سخت زخمي حالت ۾ ڇڏي فرار ٿي ويون. ڪين لي کي اسپتال پهچايو ويو، جتي هو زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو. پوليس موجب ڇوڪرين امڪاني طور ڪين لي کي ان ڪري نشانو بڻايو ڇو ته هن وقت ڪين لي وٽ شراب موجود هو. پوليس سيني ڇوڪرين کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي ۽ انهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته گرفتار ڇوڪرين جي سڃاڻپ ظاهر ناهي ڪئي وئي.

بقايا 12

آهي. محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جڏهن ٿر مان ڪوئلو ڪڍڻ جو ڪم شروع ڪرايو ته آلودگي جي جواز ۾ رنڊڪ وڌي وئي. اهڙن خيالن جو اظهار هن سبزي منڊي پنوعاقل ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. خورشيد شاهه تقريب ۾ موجود معززين کي شڪايت ڪندي چيو ته توهان کي روڊ ناهي ڏيون ٿا پر اوهان انهن روڊن جي حفاظت نه ٿا ڪيو. سلطانپور کان پنوعاقل سميت ٻين شاهراهن تي ڪم جاري آهي. هن چيو ته ملڪ جون حالتون خراب ٿي رهيون آهن. مهانگائي وڌي رهي آهي. مان 54 سال سياست ۾ گذاري چڪو آهيان پر ڪڏهن به مايوس نه ٿيو آهيان. توهان کي به ڪڏهن مايوس نه ٿيڻ گهرجي. اسان غريب ملڪ ناهيون. اسان جي ملڪ کي غريب بڻايو ويو آهي. ٻاهرين ملڪن جي ترقي ڪوئلي جي ڪري ٿي، پر ڪوئلي مان اسان کي ڪو فائدو نه ٿيو اسان گئس جو معاهدو ڪيو پر ان کي روڪيو ويو. گوادر کي ٽيهن سالن کان تعمير ٿيڻ نه ڏنو ويو. اسان جي ريگستانن ۽ جبلن ۾ معدنيات سون آهي. آصف علي زرداري منصوبن تي ڪم شروع ڪيو. توهان ماڻهو مايوس نه ٿيو. تقريب دوران لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪئي وئي ته هو مختلف علائقن جي معززين سان ملاقات ڪري مسئلا معلوم ڪري انهن کي حل ڪن.

بقايا 13

يرغمال ٿيڻ نه ڏينداسين. شهرين آواز نه اٿاريو ته شهر ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر بورين بند لاش ملندا هتن چيو ته سنڌ حڪومت ۽ ايم ڪيو ايم وارن کي مڪاني چونڊن ۾ شڪست جو ڊپ آهي. تنهنڪري چونڊون ملتوي ڪرائڻ لاءِ مختلف هربا استعمال ڪري رهيون آهن ٻئي پاسي جماعت اسلامي مڪاني چونڊون شيڊول موجب ٿيڻ واري حڪم بعد اليڪشن ڪميشن جي آفيس آڏو ڌرڻي وارو اعلان واپس وٺي ڇڏيو جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پيپلزپارٽي عوام کي آئيني حقن کان محروم ڪرڻ چاهي ٿي، ايم ڪيو ايم وارن کي بوري بند لاشن جو ڪاروبار ڪرڻو آهي هنن چيو ته پيپلزپارٽي لاڳيتو عوام سان دوکو ڪري رهي آهي، ڪنهن کي به ڪراچي جي عوام جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏيو

بقايا 14

راڄڌاني ڪراچي ۾ ڪمائڻ لاءِ ايندڙ سنڌين کي مهاجر ڪوٺيو.ايم ڪيو ايم تي تنقيد ڪندي فردوس شمير چيو ته توهان پاڻ ۾ پلي اتحاد ڪيو، توهان اردو ڳالهائيندڙ آهيو توهان کان وڏا اردو ڳالهائيندڙ اسان آهيون. توهان پاڻ کي مهاجر سڏايو ٿا. اسان مهاجر نه پر پاڪستاني آهيون هن چيو ته مهاجر ته پناڻ اندرون سنڌ ۽ ڏکڻ پنجاب جا ماڻهو آهن جيڪي هتي ڪمائڻ اچن ٿا

بقايا 15

اسرائيلي فوج جي فلسطينين تي فائرنگ ڪانپوءِ اولهه ڪناري ۾ ڇڪتاڻ جاري آهي. اختيارين موجب اسرائيلي فوج قلنديا ۽ جنين جي پناهگيرن جي ڪئمپن ۾ فلسطينين کي نشانو بڻايو، جنهن جي نتيجي ۾ ٽي شهادتون ٿيون. فلسطين جي صحت واري وزارت موجب هلندڙ سال اسرائيلي فوج هٿان 8 فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن.

بقايا 16

ويو سياست ۾ هاڻ به اصول مٿي آهي. اسان جي ميمبرن تي دٻاءُ هو ۽ انهن ووٽ ڏنو. هن چيو ته پنجاب اسيمبلي کي ٽوڙيو ويو آهي، سمري گورنر کي موڪلي وئي آهي ۽ جيڪڏهن گورنر آئين موجب 48 ڪلاڪن کان اڳ اسيمبلي نه ٽوڙي ته 48 ڪلاڪن ۾ پاڻ ئي ٽٽي ويندي. سندس چوڻ هو ته ائين ئي خيبر پختونخواهه اسيمبلي به ٽوڙينداسين. اسان عوام ڏانهن وڃڻ جو واعدو ڪيو آهي. اسان کي پنهنجون حڪومتون ختم ڪري عوام وٽ وڃڻ ۾ ڪا ڏکيائي ناهي. فواد چوڌري چيو ته اسان 48 ڪلاڪن ۾ حمزا شهباز کي عبوري حڪومت لاءِ خط لکي رهيا آهيون. آئين جي گهرج آهي ته اپوزيشن ليڊر سان مشاورت ڪري عبوري حڪومت جوڙي وڃي. پي ٽي آءِ اڳواڻ وڌيڪ چيو ته 90 ڏينهن اندر پنجاب ۽ ڪي پي ۾ عام چونڊون ٿيڻ واريون آهن. پاڪستان جي اٽڪل 60 سيڪڙو سيٽن تي اهي چونڊون ٿينديون. سندس موجب اسان سمجهون ٿا ته وفاقي حڪومت کي پنهنجو ضد ڇڏڻ گهرجي. پاڪستان اندر اليڪٽورل فريم ورڪ طئي ڪنداسين ۽ پاڪستان کي قومي چونڊ ڏانهن وڃڻ گهرجي.

بقايا 17

پرڏيهي ميڊيا موجب ڊبليو ايڇ او جو چوڻ آهي ته ڪنگهه جا پارٽي سيرپ ايمبرونول ۽ ڊوڪ ون ميڪس ڪوالٽي اسٽينڊرڊ تي پورا لهڻ ۾ ناڪام رهيا. ڊبليو ايڇ او موجب پارٽي رياست اتر پرديش جي ڪمپني مارين بائيوٽيڪ جي تيار ڪيل ٻنهي سيرپن ۾ ڊائي ٿيلين گلائڪول ۽ ايٿيلين جي مقدار ضرورت کان وڌيڪ آهي. رپورٽ موجب انهن ٻنهي پارٽي سيرپن سبب ازبڪستان ۾ 19 ٻارن جو موت ٿيو

بقايا 18

پي ساجد سدوزئي چيو ته ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول روم ۾ پوليس اهلڪار مانيٽرنگ ڪندا.

بقايا 19

پي ڊي ايم جي ٽنهي وڏن ۾ پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ جي معاملي تي مشاورت ٿي. آصف علي زرداري پنجاب اسيمبلي ٽٽڻ کان روڪڻ لاءِ عدالت سان رابطو ڪرڻ جي تجويز ڏني. ذريعن موجب نواز شريف ان معاملي تي پي ڊي ايم جو سربراهي اجلاس فوري طور گهرائڻ جي تجويز ڏني. ان کان اڳ تحريڪ انصاف اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پرويز الاهي پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ جي سمري تي صحيحون ڪري ڇڏيون آهن. سندس چوڻ هو ته پنجاب اسيمبلي کي ٽوڙيو ويو آهي. سمري گورنر کي موڪلي وئي آهي ۽ جيڪڏهن گورنر آئين موجب 48 ڪلاڪن کان اڳ اسيمبلي نه ٽوڙي ته 48 ڪلاڪن ۾ پاڻ ئي ٽٽي ويندي. هن چيو ته خيبر پختونخواهه اسيمبلي به ٽوڙينداسين. اسان عوام ڏانهن وڃڻ جو واعدو ڪيو آهي. اسان کي پنهنجون حڪومتون ختم ڪري عوام وٽ وڃڻ ۾ ڪا ڏکيائي ناهي.

بقايا 20

ڪميشن ڪراچي، حيدرآباد ۽ دادو جي ٻن تعلقن ۾ مڪاني چونڊون ملتوي ڪرائڻ واري سنڌ سرڪار جي درخواست رد ڪري ڇڏي، سنڌ ۾ مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ئي ٿينديون . اليڪشن ڪميشن طرفان وفاقي گهرو وزارت کي حساس ۽ انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز تي فوج ۽ رينجرز جي مقرري يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي صدارت هيٺ اليڪشن ڪميشن جي اجلاس ۾ چئني ميمبرز شرڪت ڪئي، جنهن دوران سنڌ حڪومت جي چونڊون ملتوي ڪرائڻ واري درخواست ۽ نوٽيفڪيشنز جو جائزو ورتو ويو . غور ويچار ڪانپوءِ اليڪشن ڪميشن سنڌ سرڪار جي حيدرآباد ۽ دادو جي ٻن تعلقن ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ بابت درخواست کي رد ڪري ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن حڪم جاري ڪندي چيو ته ڪراچي ڊويزن، حيدرآباد ۽ ٻين ضلعن ۾ مڪاني چونڊون شيڊول موجب 15 جنوري تي ئي ٿينديون. اليڪشن ڪميشن جي حڪم تي عمل ڪندي سنڌ جي سڌ سماءُ واري صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون نٿي روڪرائي سگهي، اُن کان اڳ سنڌ حڪومت مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي ترجمان مرتضيٰ وهاب کي قانوني ۽ آئيني ماهرن سان مشاورت جو ٽاسڪ ڏنو هو ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻن جي گڏيل پريس ڪانفرنس ڪانپوءِ، صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جو ٺوس بيان سامهون آيو آهي.شرجيل ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ ڪوبه آرڊيننس نه پئي آڻي، صوبائي وزير چيو ته فوج پولنگ اسٽيشنز تي اهلڪار مقرر ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، پوليس ۽ رينجرز اهلڪار پولنگ اسٽيشنز تي مقرر ڪيا ويندا.شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت تڪبندين جو نوٽيفڪيشن ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مطالبي تي واپس ورتو هو. اليڪشن ڪميشن اسان جي نوٽيفڪيشن کي رد ڪيو آهي. شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ئي ٿينديون، امن امان برقرار رکڻ پوليس ۽ رينجرز جي ذميواري آهي. ڪراچي: متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان اليڪشن ڪميشن جي فيصلي کي مڃڻ کان انڪار ڪندي چيو آهي ته جيستائين نيون تڪبنديون نه ٿينديون تيستائين مڪاني چونڊون نه ٿيون ٿي سگهن، ڪراچي ۾ جنهن جي اڪثريت آهي، ميئر به اُن پارٽي جو ٿيڻ کپي. رابطا ڪميٽي جي هنگامي اجلاس ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي فروغ نسيم چيو ته انهن يوسيز ۾ وڌيڪ ووٽر رکيا ويا آهن جتي ايم ڪيو ايم جو ووٽ بئنڪ آهي.فيصل سبزواري چيو ته ڪراچي جي آبادي جو صحيح اندازو لڳايو وڃي، ٽي ڪروڙن جو شهر ڏيڍ ڪروڙ سان ڏيکارڻ سان مسئلا حل نه ٿيندا.واضح رهي ته اليڪشن ڪميشن سنڌ حڪومت جي فيصلي کي رد ڪندي صوبي ۾ مڪاني ادارن جي چونڊن جو ٻيو مرحلو 15 جنوري تي مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ان کان پهريان مڪاني چونڊون ملتوي ڪرائڻ واري اعلان خلاف تحريڪ انصاف پاران سنڌ اسيمبلي آڏو ڌرڻو هنيو ويو، حليم عادل شيخ، علي زيدي، جمال صديقي، عمران اسماعيل ۽ ٻين چيو ته ڪراچي کي ٻيهر يرغمال ٿيڻ نه ڏينداسين، شهرين آواز نه اٿاريو ته شهر ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر بورين بند لاش ملندا . هنن چيو ته سنڌ حڪومت ۽ ايم ڪيو ايم وارن کي مڪاني چونڊن ۾ شڪست جو ڊپ آهي، تنهنڪري چونڊون ملتوي ڪرائڻ لاءِ مختلف هربا استعمال ڪري رهيون آهن ٻئي پاسي جماعت اسلامي مڪاني چونڊون شيڊول موجب ٿيڻ واري حڪم بعد اليڪشن ڪميشن جي آفيس آڏو ڌرڻي وارو اعلان واپس وٺي ڇڏيو. جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پيپلزپارٽي عوام کي آئيني حقن کان محروم ڪرڻ چاهي ٿي، ايم ڪيوايم وارن کي بوري بند لاشن جو ڪاروبار ڪرڻو آهي. هنن چيو ته پيپلزپارٽي لاڳيتو عوام سان دوکو ڪري رهي آهي، ڪنهن کي به ڪراچي جي عوام جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏيو. ان کان پهريان سنڌ سرڪار پاران مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ آرڊيننس آڻڻ تي غور ڪيو ويو. قانون واري صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جي اڳواڻي ۾ قانوني ماهرن سان مشاورتي اجلاس جو اطلاع مليو. ذريعن جو چوڻ هو ته سي ايم هائوس ڪانپوءِ گورنر هائوس ۾ به مشاورتي گڏجاڻي ٿيندي، مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ اڄ شام تائين آرڊيننس اچڻ جا امڪان آهن.

بقايا 21

ڪندي او آءِ سي ۾ ٿيندڙ ميٽنگ جي اڄيان ڪئي، هن چيو ته يقيني طور عالمي برادري کي افغانستان سان سهڪار جاري رکڻ گهرجي پر اندروني معاملن ۾ مداخلت نه ڪرڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته اسلامي سهڪار تنظيم جي عورتن جي تعليم جي حوالي سان ڳڻتي سمجهه

۾ نٿي اچي پر اسان ان معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون ۽ عارضي پابندي ڪڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون. افغان حڪومت جي ترجمان چيو ته اسان عالمي ادارن، خاص طور تي او آءِ سي سان ويجها لاڳاپا چاهيون ٿا.

بقايا 22

ڪندي او آءِ سي ۾ ٿيندڙ ميٽنگ جي اڄيان ڪئي، هن چيو ته يقيني طور عالمي برادري کي افغانستان سان سهڪار جاري رکڻ گهرجي پر اندروني معاملن ۾ مداخلت نه ڪرڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته اسلامي سهڪار تنظيم جي عورتن جي تعليم جي حوالي سان ڳڻتي سمجهه ۾ نٿي اچي پر اسان ان معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون ۽ عارضي پابندي ڪڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون. افغان حڪومت جي ترجمان چيو ته اسان عالمي ادارن، خاص طور تي او آءِ سي سان ويجها لاڳاپا چاهيون ٿا.

بقايا 23

نعارجي قيادت ۾ جيڪو سرڪس لڳو، ان جو نقصان اڄ ڀوڳي رهيا آهيون. ملڪ ۾ غيريقيني واري صورتحال پيدا ڪرڻ پاڪستان کي وڌيڪ ڪمزور ڪرڻ جي ايجنڊا آهي. هن چيو ته ڊالر جي بحران ۾ سٽي بازي جو به وڏو ڪردار آهي، حڪومت ڪارروائي ڪري رهي آهي. پاڪستان جي ڊيفالٽ ٿيڻ جو خطرو ٽري ويو آهي.

بقايا 24

۽ حيدرآباد تي شب خون ماريو آهي. هن چيو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پيپلزپارٽي جي ڪارڪن تيار رهن، صبح جو ايڪشن پلان جو اعلان ڪندا، احتجاج ڪندا، عدالت ۽ اليڪشن ڪميشن ۾ به ويندا، امير جماعت اسلامي ڪراچي چيو ته ايم ڪيو ايم ۽ پيپلز پارٽي اسان جا حق ڪسي ورتي آهي. ان کان علاوه پي ٽي آءِ ڪراچي جي صدر بلال غفار پڻ مڪاني چونڊون ملتوي ڪرڻ جي اعلان تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت رات جي اونداهي ۾ اليڪشن کان ڀڄڻ جو رستو ڳولي ورتو آهي، عدالتي فيصلي جي توهين آهي.

بقايا 25

وڃي سگهي ٿو. چيف ميٽرولاجسٽ سردار سرفراز موجب ٿڌ جي لهر 17 جنوري تائين سنڌ کي پنهنجي وڪڙ ۾ رکندي، ڪراچي ۾ ڏينهن جو پارو 22 کان 24 ڊگري، جڏهن ته سنڌ جي مٿين علائقن ۾ 2 کان 4 ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڃي سگهي ٿو. هن ٻڌايو ته 17 جنوري ڪانپوءِ ٿڌ جي لهر ۾ گهٽتائي اچڻ لڳندي، جڏهن ته 18 کان 19 جنوري دوران اولهه هوائن جو هڪ سسٽم بلوچستان ۾ داخل ٿيندو، سندس وڌيڪ چوڻ هو ته 21 جنوري ڪانپوءِ هڪ ڀيو ڪولڊ ويو ملڪ کي وڪڙ ۾ آڻي سگهي ٿو

بقايا 26

زين کي ٻهرين ڀيرو ڏسڻ کان پوءِ هوءِ چاڻي بحهي ٻنهنجي ڪار کي پنڪچر ڪندي دڪان تي هلي ويندي هئي، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ زين به عائشه کي پسند ڪرڻ لڳو ۽ ٺيٺ ٻنهي شادي ڪري ورتي. زين چيو ته عائشه ڏاڍي پيار ڪندڙ عورت آهي. جنهن پيٽرول پمپ تي منهنجو پنڪچر جو دڪان هو، تنهن مون کي اُن پيٽرول پمپ جو مالڪ بڻائي ڇڏيو آهي.

بقايا 27

سمورن علائقن ۾ شروع ٿينديون جڏهن ته شاندار گرانڊ افتتاحي تقريب 17 جنوري تي ڪراچي ۾ ٿيندي، پنجين سنڌ ڪاليج گيمز جو افتتاح صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه ڪندو، سيڪريٽري ڪاليج ايجوڪيشن احمد بخش ناريجو جي هدايتن تي پنجين سنڌ ڪاليج گيمز جي انعقاد لاءِ مرڪزي ۽ ريجنل سطح تي آرگنائيزنگ ڪاميٽيون قائم ڪيون ويون آهن. سينٽرل ڪاميٽي جو چيئرمين ڊي جي ڪاليجز سنڌ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي آهي. جڏهن ته سمورن ريجنل ميمبرز ڊائريڪٽر ڪاليجز. ڊاڪٽر عبدالحميد چنڙ حيدرآباد، پروفيسر شاهده پروين ابڙو، شهيد بينظير آباد، پروفيسر ميرچند اوڊ ميرپورخاص، پروفيسر احمد بخش ڀٽو لاڙڪاڻو، پروفيسر عبدالله ناريجو، سکر ۽ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ڪراچي، ڊائريڪٽر اڪيڊمڪ اينڊ ڪوڪريڪيولر ڊاڪٽر قاسم راڄپر، ڊپٽي ڊائريڪٽر اڪيڊمڪ اينڊ ڪوڪريڪيولر ڊي جي آفيس پروفيسر راشد احمد ڪوسو، چيف ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن عقيل احمد، سينيئر ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن سيد گوهر رضا، مسز زرقا سهتو، ڊائريڪٽرز فزيڪل ايجوڪيشن سيد محمد نديم ۽ بتول ڪاظم شامل آهن. ريجنل ڪاميٽين ۾ سمورن ريجنل ڊائريڪٽرن هيٺ لاڳاپيل ريجن ۾ مرڪزي ڪاميٽي جي طرز تي، ڊائريڪٽوريٽ آفيسر ۽ ڊائريڪٽر فزيڪل ايجوڪيشن شامل آهن. انهن راندين ۾ ايٿليٽڪس، بيڊمنٽن، باسڪٽ بال ڪرڪيٽ، فٽبال، هاڪي، ٿرو بال، ٽيبل ٽينس، ٽگ آف وار ۽ والي بال شامل آهن. هن گيمز دوران ٽرافيون کٽڻ لاءِ سنڌ جي 343 ڪاليجن جا رانديگر مقابلن ۾ ح

بقايا 28

حڪم آهي ته بجيٽ جي آڊٽ ڪرائي وڃي. عدالتي حڪم باوجود سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ آڊٽ نه پيو ڪرائي. سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي وڪيل عدالت ۾ موقف پيش ڪيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ غيرقانوني حڪم جاري ڪيس آڊٽ ڪرائڻ ۾ اسان کي ڪو اعتراض نه آهي، ايڊيشنل رجسٽرار کي اعتراض سپروائزر لڳائڻ ۽ فوري آڊٽ تي آهي، چيف جسٽس عمر عطا بنديال ريمارڪس ڏنا ته ملڪ جي سيني کان وڏي ڪمزوري آهي ته تعليم تي ڪير به ڌيان نٿو ڏئي، صوبو گوسڙو اسڪولن جي تالي سان مشهور آهي، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو آڊٽ ڪير ڪندو آهي، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته آڊٽ اي جي پي آر ڪندو آهي، عدالت حڪم ڏنو ته گذريل 20 سالن جو آڊٽ پيش ڪنداسين سپريم ڪورٽ آڊيٽر جنرل کي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو آڊٽ ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته آڊٽ مڪمل ٿيڻ تي لاڳاپيل رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي وڃي.

بقايا 29

آهي. محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جڏهن ٿر مان ڪوئلو ڪڍڻ جو ڪم شروع ڪرايو ته آلودگي جي جواز ۾ رنڊڪ وڌي وئي. اهڙن خيالن جو اظهار هن سبزي منڊي پنوعاقل ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. خورشيد شاهه تقريب ۾ موجود معززين کي شڪايت ڪندي چيو ته توهان کي روڊ ناهي ڏيون ٿا پر اوهان انهن روڊن جي حفاظت نه ٿا ڪيو. سلطانپور کان پنوعاقل سميت ٻين شاهراهن تي ڪم جاري آهي. هن چيو ته ملڪ جون حالتون خراب ٿي رهيون آهن. مهانگائي وڌي رهي آهي. مان 54 سال سياست ۾ گذاري چڪو آهيان پر ڪڏهن به مايوس نه ٿيو آهيان. توهان کي به ڪڏهن مايوس نه ٿيڻ گهرجي. اسان غريب ملڪ ناهيون. اسان جي ملڪ کي غريب بڻايو ويو آهي. ٻاهرين ملڪن جي ترقي ڪوئلي جي ڪري ٿي، پر ڪوئلي مان اسان کي ڪو فائدو نه ٿيو اسان گئس جو معاهدو ڪيو پر ان کي روڪيو ويو. گوادر کي ٽيهن سالن کان تعمير ٿيڻ نه ڏنو ويو. اسان جي ريگستانن ۽ جبلن ۾ معدنيات سون آهي. آصف علي زرداري منصوبن تي ڪم شروع ڪيو. توهان ماڻهو مايوس نه ٿيو. تقريب دوران لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪئي وئي ته هو مختلف علائقن جي معززين سان ملاقات ڪري مسئلا معلوم ڪري انهن کي حل ڪن.

بقايا 30

ڪميشن ڪراچي، حيدرآباد ۽ دادو جي ٻن تعلقن ۾ مڪاني چونڊون ملتوي ڪرائڻ واري سنڌ سرڪار جي درخواست رد ڪري ڇڏي، سنڌ ۾ مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ئي ٿينديون . اليڪشن ڪميشن طرفان وفاقي گهرو وزارت کي حساس ۽ انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز تي فوج ۽ رينجرز جي مقرري يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي صدارت هيٺ اليڪشن ڪميشن جي اجلاس ۾ چئني ميمبرز شرڪت ڪئي، جنهن دوران سنڌ حڪومت جي چونڊون ملتوي ڪرائڻ واري درخواست ۽ نوٽيفڪيشنز جو جائزو ورتو ويو . غور ويچار ڪانپوءِ اليڪشن ڪميشن سنڌ سرڪار جي حيدرآباد ۽ دادو جي ٻن تعلقن ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ بابت درخواست کي رد ڪري ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن حڪم جاري ڪندي چيو ته ڪراچي ڊويزن، حيدرآباد ۽ ٻين ضلعن ۾ مڪاني چونڊون شيڊول موجب 15 جنوري تي ئي ٿينديون. اليڪشن ڪميشن جي حڪم تي عمل ڪندي سنڌ جي سڌ سماءُ واري صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون نٿي روڪرائي سگهي، اُن کان اڳ سنڌ حڪومت مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي ترجمان مرتضيٰ وهاب کي قانوني ۽ آئيني ماهرن سان مشاورت جو ٽاسڪ ڏنو هو ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻن جي گڏيل پريس ڪانفرنس ڪانپوءِ، صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جو ٺوس بيان سامهون آيو آهي.شرجيل ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ ڪوبه آرڊيننس نه پئي آڻي، صوبائي وزير چيو ته فوج پولنگ اسٽيشنز تي اهلڪار مقرر ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، پوليس ۽ رينجرز اهلڪار پولنگ اسٽيشنز تي مقرر ڪيا ويندا.شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت تڪبندين جو نوٽيفڪيشن ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مطالبي تي واپس ورتو هو. اليڪشن ڪميشن اسان جي نوٽيفڪيشن کي رد ڪيو آهي. شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ئي ٿينديون، امن امان برقرار رکڻ پوليس ۽ رينجرز جي ذميواري آهي. ڪراچي: متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان اليڪشن ڪميشن جي فيصلي کي مڃڻ کان انڪار ڪندي چيو آهي ته جيستائين نيون تڪبنديون نه ٿينديون تيستائين مڪاني چونڊون نه ٿيون ٿي سگهن، ڪراچي ۾ جنهن جي اڪثريت

آهي، ميئر به اُن پارٽي جو ٿيڻ کپي. رابطا ڪميٽي جي هنگامي اجلاس ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي فروغ نسيم چيو ته انهن يوسيز ۾ وڌيڪ ووٽر رکيا ويا آهن جتي ايم ڪيو ايم جو ووٽ بئنڪ آهي.فيصل سبزواري چيو ته ڪراچي جي آبادي جو صحيح اندازو لڳايو وڃي، ٽي ڪروڙن جو شهر ڏيڍ ڪروڙ سان ڏيکارڻ سان مسئلا حل نه ٿيندا.واضح رهي ته اليڪشن ڪميشن سنڌ حڪومت جي فيصلي کي رد ڪندي صوبي ۾ مڪاني ادارن جي چونڊن جو ٻيو مرحلو 15 جنوري تي مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ان کان پهريان مڪاني چونڊون ملتوي ڪرائڻ واري اعلان خلاف تحريڪ انصاف پاران سنڌ اسيمبلي آڏو ڌرڻو هنيو ويو، حليم عادل شيخ، علي زيدي، جمال صديقي، عمران اسماعيل ۽ ٻين چيو ته ڪراچي کي ٻيهر يرغمال ٿيڻ نه ڏينداسين، شهرين آواز نه اٿاريو ته شهر ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر بورين بند لاش ملندا . هنن چيو ته سنڌ حڪومت ۽ ايم ڪيو ايم وارن کي مڪاني چونڊن ۾ شڪست جو ڊپ آهي، تنهنڪري چونڊون ملتوي ڪرائڻ لاءِ مختلف هربا استعمال ڪري رهيون آهن ٻئي پاسي جماعت اسلامي مڪاني چونڊون شيڊول موجب ٿيڻ واري حڪم بعد اليڪشن ڪميشن جي آفيس آڏو ڌرڻي وارو اعلان واپس وٺي ڇڏيو. جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پيپلزپارٽي عوام کي آئيني حقن کان محروم ڪرڻ چاهي ٿي، ايم ڪيوايم وارن کي بوري بند لاشن جو ڪاروبار ڪرڻو آهي. هنن چيو ته پيپلزپارٽي لاڳيتو عوام سان دوکو ڪري رهي آهي، ڪنهن کي به ڪراچي جي عوام جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏيو. ان کان پهريان سنڌ سرڪار پاران مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ آرڊيننس آڻڻ تي غور ڪيو ويو. قانون واري صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جي اڳواڻي ۾ قانوني ماهرن سان مشاورتي اجلاس جو اطلاع مليو. ذريعن جو چوڻ هو ته سي ايم هائوس ڪانپوءِ گورنر هائوس ۾ به مشاورتي گڏجاڻي ٿيندي، مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ اڄ شام تائين آرڊيننس اچڻ جا امڪان آهن.

بقايا 31

ته جيڪڏهن گورنر اسيمبلي نه ٽوڙيندو ته 48 ڪلاڪن ۾ پاڻمرادو ٽٽي ويندي. تفصيل موجب پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي اسيمبلي ٽوڙڻ جي سمري تي صحيحون ڪري ڇڏيون. زمان پارڪ لاهور ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ پارٽي جي مک قيادت اسيمبلي فوري طور ٽوڙڻ جي راءِ ڏني. بعد ۾ چوڌري پرويز الاهي جي عمران خان سان الڳ ملاقات ٿي، جنهن ۾ اسيمبلي ٽوڙڻ جو حتمي فيصلو ڪيو ويو ۽ وڏي وزير اسيمبلي تحليل ڪرڻ جي سمري تي صحيح ڪري ڇڏي. جيڪا گورنر بليغ الرحمان ڏانهن موڪلي وئي آهي. ٻئي طرف تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري ٻڌايو ته پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي اسيمبلي ٽوڙڻ جي سمري تي صحيحون ڪري ڇڏيون آهن. ايڊوائس گورنر کي موڪلي وئي آهي، جيڪڏهن گورنر اسيمبلي نه ٽوڙيندو ته 48 ڪلاڪن اندر پاڻمرادو ٽٽي ويندي. ڇنڇر تي خيبر پختونخوا اسيمبلي به ساڳئي نموني ٽوڙينداسين ۽ ٻنهي صوبن ۾ 90 ڏينهن اندر ٻيهر چونڊون ٿينديون. هن چيو ته پرويز الاهي ۽ سندس پارٽي جهڙي نموني اسان جو ساٿ ڏنو ۽ گڏ بيٺل رهيا، ان تي اسان ق ليگ، پرويز الاهي ۽ مونس الاهي جا ٿورائتا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان کي هاڻي قومي اليڪشن ڏانهن وڃڻ گهرجي. ملڪ ۾ استحڪام صرف چونڊن سان ئي اچي سگهي ٿو. تنهن ڪري وفاقي حڪومت کي پنهنجي هٺ ۽ ضد مان ٻاهر نڪرڻو پوندو. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي به چئون ٿا ته اسان جون استعيفائون منظور ڪري.

بقايا 32

اُن کان اڳ سنڌ حڪومت مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي ترجمان مرتضيٰ وهاب کي قانوني ۽ آئيني ماهرن سان مشاورت جو ٽاسڪ ڏنو هو ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻن جي گڏيل پريس ڪانفرنس ڪانپوءِ، صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جو ٺوس بيان سامهون آيو آهي شرجيل ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت مڪاني چونڊون روڪرائڻ لاءِ ڪوبه آرڊيننس نه پئي آڻي صوبائي وزير چيو ته فوج پولنگ اسٽيشنز تي اهلڪار مقرر ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، پوليس ۽ رينجرز اهلڪار پولنگ اسٽيشنز تي مقرر ڪيا ويندا شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت تڪبندين جو نوٽيفڪيشن ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مطالبي تي واپس ورتو هو. اليڪشن ڪميشن اسان جي نوٽيفڪيشن کي رد ڪيو آهي شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊون 15 جنوري تي ئي ٿينديون، امن امان برقرار رکڻ پوليس ۽ رينجرز جي ذميواري آهي

بقايا — سنڌيار — 01

ٻئنر کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت فلورملز ۽ چڪي مالڪن کي اٽو سستو وڪرو ڪرڻ وارو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ باوجود به سنڌ ۾ ڪٿي به عمل نه ڪيو ويو آهي فلورملز ۽ آٽا چڪي مالڪ 5600 رپئين ۾ في مڻ اٽو ڏئي رهيا آهن غريب مهانگائي جي ماريل عوام کي ٻنهي هٿن سان لٽيو پيو وڃي هنن چيو ته اٽو مهانگو وڪرو ڪرڻ تي غريب ماڻهو به ويلا ماني لاءِ پريشان آهن ۽ خودڪشون ڪرڻ تي مجبور آهن ضلعي انتظاميا مڪمل خاموش آهي ڪير عمل ڪرائڻ لاءِ تيار نه آهي هنن مطالبو ڪيو ته فورن اٽو سستو ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاجي مظاهرن جو سلسلو تيز ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 02

ميمڻ صحافي حيدر جويو، ڪامريڊ محمد آصف خشڪ جي اڳواڻي ۾ آمري اسٽاپ کان هڪ پرامن ريلي ڪڍي وئي جيڪا نيشنل هاءِ وي کان ٿيندي ٺٽو پريس ڪلب پهتي جتي مظاهرين احتجاجي مظاهرو ڪندي اڳواڻن مختصر خطاب ڪندي احتجاج رڪارڊ ڪرايو جنهن بعد ريلي نيشنل هاءِ وي کان ٿيندي ايڊي سينٽر ويجهو ننگر پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو تي پهچي جتي اڳواڻ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اٽي جي ڪوٽ هڙرادو پيدا ڪيل آهي جڏهن ته ڪيترن ئي ڏينهن کان شهرين جي پيئڻ جو پاڻي پڻ بند ڪيو ويو آهي، ڀي پاسي سبزين، چانورن، دالين، گيهه ۽ کاڌي جي تيل جا ريٽ پڻ آسمان تي پهچي چڪا آهن جڏهن ته ڊي سي ٺٽو پاران اٽي جو ريٽ 75 روپيا في ڪلو مقرر ڪيو ويو آهي جنهن جي نوٽيفڪيشن کي به ڏينهن پڻ گذري ويا آهن پر دڪاندار واپاري هن تي عمل ڪرڻ جي لاءِ تيار ئي ناهن هنن مطالبو ڪندي چيو ته اٽي ۽ پاڻي جي ڪوٽ فورن ختم ڪئي وڃي ۽ ڊي سي ٺٽو جي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب عمل ڪندي ذخيرو ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جڏهن ته ريلي ۾ نور محمد ملاح، وسيم شورو، اسرار احمد ميمڻ، امام بخش عرف امون هالو، دودو چنو، فدا حسين ملاح ۽ شبير ملاح سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 03

سمورن لکندڙن جي حوصلا افزائي جو ڪم ڪري رهيو آهي هن فورم جو بنيادي مقصد ملڪ جي سمورين ٻولين جي لکندڙن کي هڪ پليٽ فارم تي آڻي ادب جي ترقي لاءِ جاکوڙڻ آهي اجلاس ۾ متفقه طور ضلعي جي نئين باڊي تشڪيل ڏني وئي جنهن ۾ استاد بشير احمد "خيال کتري" کي اڪثريتي راءِ سان ضلعي صدر منتخب ڪيو ويو جنهن جلد پنهنجي ڪابينه مڪمل ڪرڻ جو اعلان ڪيو

بقايا — سنڌيار — 04

ڏاهيجي ساڪرو کان ٿيندي واپس ايس ايس پي آفيس پهتي ريلي جي اڳواڻي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو غضنفر علي قادري ۽ ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو ڪري رهيا هئا انهي موقعي تي ايس ايس پي ٺٽو ۽ ڊي سي ٺٽو چيو ته فليگ مارچ جو مقصد بلدياتي اليڪشن دوران سڄي ضلعي ۾ امن امان جي فضا کي برقرار رکڻ ۽ امن امان جي صورتحال کي يقيني بڻائڻ آهي.

بقايا — سنڌيار — 05

